ماهوار

# سُهڻي



معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

مئي - جون - ١٩٧٢ع

سال: ٣ — نمبر: ٥-٦

ايڊيٽر

**طارق اشرف**



قيمت: ٢-٠٠ — سال لاءِ: ١٥-٠٠


**SOHNI** PUBLISHERS — سهڻي پبلشرس

F/45-750 West Kutcha
Hyderabad, Sind.

ايف/٤٥-٧٥٠، ويسٽ ڪچا
حيدرآباد، سنڌ.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ترتيب


پنهنجي طرفان.... طارق اشرف ۳


## ڪهاڻيون


پلي بڪ پرم جي عبدالجبار جوڻيجو ۱۸
روشن رات، اونداهو صبح مسرور بدوي ۳۱


## شعر


بيت ۽ وايون شيخ اياز ۵۴
غزل بشير موريائي ۹۰
نظم، دوهما- غزل اِمداد حسيني ٦۰
وائي قمر شهباز ٦۳
گيت قيوم طراز ٦۴
غزل زيب پتي ۲۵
نظم محسن عباسي ٦٦
گيت ملڪ نديم ٦۷
نظم خاڪي جويو ٦۸
غزل، هائڪا مير محمد پيرزادو ٦۹
قطعا هدايت بلوچ ۷۰
هڪڙو شاعر بيت، وايون، هائڪا پيربخش پياسي ۷۱


## مضمون


۴- مارچ ۱۹٦۷ع مسعود نوراني ۷٦


## تنقيد ۽ رايا


پڙهندڙن جا خط پڙهندڙن وٽان ۹۷


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


سيد سليم شاهه قادري، شاهد پرنٽرس، صدر، حيدرآباد سنڌ مان ڇپرايو.

# پنهنجي طرفان....

▲ سنڌ اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس ٿي گذريو. ستيتاليهه سنڌي ميمبرن حلف سنڌيءَ ۾ کنيو، ۽ تقريرون به سنڌيءَ ۾ ڪيون. هڪ-اڌ ميمبر فطري مجبوريءَ کان لاچار ٿي، اردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌيءَ سان ۽ پنهنجي زبان سان محبت رکندڙ ميمبرن، سندن ڪوشش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو. البت الحاج مير رسول بخش خان ٽالپر (سنڌ جي گورنر) سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به حلف کنيو ۽ تقرير پڻ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ڪيائين. اخبارن لکيو آهي ته: پاڻ پهرين سنڌيءَ ۾ هڪڙو پئرا گراف پڙهيائون ٿي، ۽ ساڳي پئرا جو ترجمو اردوءَ ۾ ٿي ڪيائون. اِهو ڪم ميرصاحب ميمبرن کي ڪِلائڻ لاءِ نه ڪيو هو، پر ڪين اردو سان عشق آهي. مير صاحب ته فقط اردوءَ ۾ حلف کڻن ها ۽ تقرير پڻ فقط اردوءَ ۾ ڪن ها، پر سنڌي ميمبرن، سنڌي عوام ۽ (بڌڻ ۾ آيو آهي) ممتاز ڀٽي جي مخالفت جي ڊپ کان اِهو سنڌي-اردو گڏيل ڊرامو پيش ڪيائون.

▲ پر هاڻ اها ڳالهه اسان سنڌين کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي، ته مير صاحب چيو آهي ته: 'سنڌي، سنڌ جي سرڪاري زبان ٿيندي. ۽ هن وقت جيڪي به سنڌيءَ جي مخالفت ڪري رهيا آهن، آهي ٻاهرين ملڪن جا ايجنٽ آهن.' زنده باد مير صاحب. اسين ته شروع کان ئي چوندا اچون، ته اهي ملڪ جا دشمن آهن، ويري آهن، نانگ آهن، انهن کي جيڪو کير پياريندو اهي انهيءَ کي ڏنگيندا. اهي احسان فراموش ۽ بي ضمير آهن. اسلام اسلام ۽ نظريہ پاڪستان ڪري ڪري، انهن جون نڙيون سُڪي ويون آهن، حقيقت ۾ انهن کي نه اسلام سان دلچسپي آهي، نه پاڪستان سان. اهي ملڪ ۾ هنگاما ڪرائي، فساد ڪرائي ملڪ کي تباهه ڪرڻ گهرن ٿا. انهن جو ڪو اصول ڪونهي. ڪلهه تائين انهن جون ملڪ دشمن اردو اخبارون ۽ سندس بي ضمير سياسي ليڊر ۽ شاگرد ليڊر پنهنجين تقريرن ۾ اهو مطالبو دهرائي رهيا هئا ته: 'مير رسول بخش ٽالپر کو سنده کا وزير اعلى بناؤ.' ۽ انهن جي ويڪو شاگرد جماعتن ساري سنڌ ۾،

پڻ هريت تي لکيو هو ته: مير رسول بخش کو سنڌ جو وزيراعليٰ بڻاءُ. ڇاڪاڻ ته ڪين پڪ هئي، ته ممتاز ڀٽو پنهنجي قوم سان غداري نه ڪندو ۽ نه ئي سنڌ بيجا دٻاءُ ڪري سنڌن ناجائز ۽ واهيات مطالبا قبول ڪندو. تنهنڪري انهن، مير صاحب جو پاسو ورتو هو، ڇاڪاڻ ته ڪين يقين هو، ته مير صاحب سنڌن ساٿ ڏيندو. پر جڏهن مير صاحب به سنڌيءَ جي فائدي ۾ بيان ڏنو، ۽ کين (مهاجرن) کي پڪ ٿي وئي. ته مير صاحب به حق جو ساٿ ڏيندو، ته هاڻ انهن جا ليڊر ۽ اخبارون مير صاحب جي خلاف پيون لکن. اسان ته شروع کان ئي مير صاحب کي چوندا ٿا اچون، ته: سائين، اوهين ا کيون کوليو، اهي قرٽا- گهرٽا ۽ سازشي ڪنهن سان به سچا نه آهن، ڪجهه سال اڳ انهن ايوب خان جا پيي جلوس ڪڍيا، ڪلهه اوهانکي خوش ڪرڻ لاءِ اوهانجو جلوس ڪڍيائون. ۽ اڄ اهي سا ڳيا، جن اوهانجي جلوس جو انتظام ڪيو هو، اڄ اوهانکي گهٽ وڌ پيا ڳالهائين. اوهين سنڌي آهيو، سنڌ ۾ ڄاوا آهيو ۽ سنڌ ۾ ئي رهڻو اٿوَ. اوهانکي چڱيءَ ريت خبر آهي ته سنڌ جا ڪهڙا مسئلا آهن. سنڌ جا ڪهڙا حق آهن، جيڪي سنڌ کي ملڻ گهرجن. اوهين انهيءَ ڏس ۾ سنڌ جو ساٿ ڏيو ۽ سنڌين جون دليون جيتيو. ڇاڪاڻ ته پهرين بہ سالن ۾ اوهان غاصبن، سازشين، ملڪ دشمن ۽ انتشار ڦهلائيندڙ انهن ڌارين ماڻهن ۽ سنڌن زبان جو ساٿ ڏنئي، سنڌن زبان ۾ تقريرون ڪري، سنڌ جي محب وطن عوام جي همدردي وڃائي ڇڏي آهي. البت هينئر سنڌيءَ جي فائدي ۾ جيڪي اوهان ڪجهه بيان ڏنا آهن، جيڪڏهن اوهين انهن تي قائم رهيا ۽ سنڌ جا حق سنڌين کي وٺرائي ڏنا ته بوءِ اسانجي دلين ۾ اوهانجي لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ٿي سگهي ٿو.

▲ مير رسول بخش اليڪشن کان اڳ جيڪي تقريرون ڪندو هو، تقريرون نه — بلڪ تقرير ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته کيس فقط هڪ تقرير زباني ياد هوندي هئي، سائي پيو هر هنڌ ورجائيندو هو. (مون پاڻ به اِها ساڳي تقرير [تقريرون] ستَ دفعا ٻڌي هئي، ۽ اڃا تائين ياد بيٺي اٿم .) پاڻ پنهنجي تقرير ۾ حضرت عمر رضه جو حوالو ڏيندا هئا، ته: 'فرات دريا جي ڪناري تي ڪو ڪتو به بکيو

هوندو، تہ انهيءَ جو گناهہ منهنجي ڳچيءَ ۾ پوندو.‘ مير صاحب، هتي تہ سڄي قوم ٻڪ پئي مري، ڇا اوهين ايڏو بار کڻي سگهندا؟ هڪ پاسي اوهين چئو ٿا تہ: اِها عوامي حڪومت آهي، اوهين ڪاڏيءَ جا ڪپڙا ٿا پايو، مزورن سان همدردي ڪريو ٿا. ٻئي پاسي پنهنجا ’جلوس‘ ٿا ڪڍرايو — رستا ڪوتجن ٿا، ’بابِ شير سنڌ‘ ٺهن ٿا- اهي رستا پڳا، نقصان ڪنهنکي رسيو؟ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پوليس اوهانجي پهري، ۾ ۽ سنڀال لاءِ بيٺي رهي، رستن جي روڪ ٿي، اِهو نقصان ڪنهنکي رسيو؟ هڪ پاسي سنڌ جا ٻچا، سنڌي سپوت، سنڌ جا جوڌا، سنڌ جا سُورما پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ٻُک هڙتال تي ويٺا هئا، ٻئي پاسي اوهانجو جلوس پئي لنگهيو. عوام ۽ اوهانجي ترڪ تي بيٺل عام ماڻهو آس ۾ بيٺا هئا، ۽ اوهين ڇٽيءَ جي هيٺان ويٺا هئا. ڇا عوامي حڪومت ۾ ائين ٿيندو آهي؟ ڇا اهو ڪو مغل شهنشاهہ هو، جيڪو پنهنجي رعايا کي ڏسڻ لاءِ ٿي لنگهيو. تعجب آهي، تہ وڏو پٽو پاڪستان جو صدر ٿيو، ننڍو پٽو پهرين سنڌ جو گورنر ۽ پوءِ وڏو وزير ٿيو، پر انهن پنهنجا جلوس نہ ڪيرايا. اوهانکي ڪهڙو اچي لاچار پيو هو؟

▲ ممتاز ڀٽي (سنڌ جي وڏي وزير) چيو آهي، تہ ’سنڌ جي سرڪاري زبان سنڌي ٿيندي.‘ ممتاز ڀٽي اهو ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو آهي. پر اسين فقط انهيءَ ڳالهہ تي مطمئن نہ ٿينداسين. اسانجي منزل آهي- سنڌيءَ کي سنڌجي واحد سرڪاري زبان ۽ قومي زبان جو درجو ڏيارڻ. جيڪڏهن ممتاز ڀٽو انهيءَ ڏس ۾ بہ ساٿ ڏي، سنڌيءَ کي گهربل حيثيت ڏياري ۽ انهيءَ سان گڏ اسانجا جائز حق اسانکي ورائي ڏي، تہ اسين ڪيس پنهنجو هيرو مڃينداسين. اسين سندس ساٿ ڏينداسين، اسين سندس قوت بڻباسين. وزارتون ملنديون ۽ ڦريون رهنديون آهن. انسان ڄمندا ۽ مرندا رهن ٿا. پر اهو انسان ڪڏهن نہ مرندو آهي، جيڪو پنهنجي وطن جو سچو هوندو آهي. جنهنکي فقط وطن جو مفاد عزيز هوندو آهي. جيڪو پنهنجي قوم جي ڀلائي لاءِ هر مشڪل کي منهن ڏيندو آهي. اهو ڪڏهن بہ نہ مرندو آهي، اهو ’امر‘ ٿي ويندو آهي. ممتاز ڀٽو، تون جيڪر چاهين ٿو، تہ تاريخ ۾ تنهنجو نالو سونهري اکرن

سان لکيو وڃي. تون جيڪڏهن آمر ٿيڻ چاهين ٿو، ته سنڌي زبان کي سنڌ جي واحد سرڪاري ۽ قومي زبان جو درجو ڏيار، جيڪو سندس حق آهي. سنڌين جا جائز حق کين ورائي ڏي. سنڌين کي اقليت ۾ بدلجڻ کان بچاءِ، پوءِ تنهنجو نالو قيامت تائين پيو ڳائبو، جيئن شاهه ڀٽائي سدائين جيئرو رهندو، دودو، هوشو ۽ شيخ اياز سدائين جيئرا رهندا، تون به سدائين جيئرو رهندين. اسانکي اُميد آهي، ته تون 'کهوڙو' ٿيڻ پسند نه ڪندين.

▲ جڏهن کان پاڪستان وجود ۾ آيو آهي، هر ڏينهن سنڌي زبان لاءِ خطرناڪ ٿيندو ٿو وڃي، ۽ هاڻ ته ڳالهه اتي اچي بيٺي آهي، ته هن وقت جيڪڏهن سنڌي زبان سنڌ جي واحد سرڪاري ۽ قومي زبان نه ڪئي ويئي ته پوءِ ڪڏهن به نه ٿي سگهندي. سنڌي زبان کي جيڏو خطرو هن وقت آهي، ايڏو انهيءَ کان اڳ ڪڏهن به نه هو. ڇاڪاڻ ته اردوءَ جون نام نهاد قومي اخبارون، جيڪي شروع کان ئي ملڪ ۾ انتشار ڦهلائينديون رهيون آهن. تن سنڌيءَ خلاف پوري زور شور سان مهم هلائڻ شروع ڪئي آهي. اسين شروع کان ئي اِها ڳالهه چوندا اچون ته اردو باز اديبن جو نه ڪو مذهب آهي، نه ڪا قوميت. اهي نه ترقي پسند آهن، نه سوشلسٽ، نه ڪميونسٽ نه مسلمان. اهي فقط اردو باز آهن. انهن جا نام نهاد ترقي پسند اديب چاهي اُهو ابراهيم جليس هجي، شوڪت صديقي يا سيد محمد تقي، سيئي سنڌ، سنڌي ۽ سنڌي اديبن جا دشمن آهن. انهن جو ايمان اهو آهي ته اسلام کي بچائڻ لاءِ اردو جو هئڻ ضروري آهي. پاڪستان کان علاوه اردو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ قومي زبان ڪانهي. پوءِ ٻين ملڪن ۾ اسلام کي خطرو ڇو نٿو ٿئي. حقيقت آهي ته جيڏو خطرو اسلام کي اردو مان آهي، ٻيو ڪنهن مان به ڪونهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ اردوءَ جي ڪري اوڀر پاڪستان ڌار ٿيو، ۽ اها اردوءَ ئي سنڌ ۾ فساد ڪرائي پئي. انهيءَ غير فطري ۽ غير ملڪي ٻوليءَ جو خاتمو ٿيڻ نهايت ضروري آهي.

▲ جهڙا بي ضمير سياستدان پاڪستان ۾ آهن، اهڙا شايد دنيا جي ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ نه هوندا. سياڻي کهڙو ڦيرو کائيندا تنهن جي متعلق

پاڪ سچي سنڌ جا مسئلا هئا. اسانجي شاگرد ليڊرن جي اها حالت آهي، ته پوءِ سنڌي قوم انهن مان ڪهڙي توقع رکي؟ هر سنڌي شاگرد ليڊر، جڏهن به ڪيس موقعو ملندو آهي، اسٽيج تي بيهي هڪ زوردار جذباتي تقرير ڪري ڇڏيندو آهي- بس انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به نه. ١٦- اپريل (١٩٧٢) تي ڪراچيءَ ۾ ٿيل 'زبان ڪنوينشن' ۾ مسعود نوراني چيو ته: 'اسانکي متحد ٿيڻ گهرجي، اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي.' ٿوري دير کانپوءِ لالا قادر به تقرير ۾ چيو: 'آءٌ متحد ٿيڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان. آءٌ سڀ اختلاف وساري گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.' پر اسان سڀني ڏٺو، ٻئي شاگرد ليڊر اهڙيون 'سٺيون ۽ جذباتي تقريرون' ڪري اسٽيج تان لهي ويا. جيڪڏهن متحد ٿيڻو آهي، ته پوءِ انتظار ڪنهجو! انهيءَ وقت سنڌ جون به معزز هستيون محترم جي-ايم-سيد ۽ محترم قاضي فيض محمد به اسٽيج تي ويٺل هئا. شاگرد ليڊرن کي انهيءَ وقت ئي گڏجڻ گهرجي ها. پر مصيبت اها آهي ته گڏجي ڪم ڪرڻ سان ليڊري ختم ٿي ويندي. هر هڪ اهو ٿو چاهي، ته سنڌ جي ڀلائي خاطر فقط هو ڪم ڪري، نالو فقط هنجو ٿئي، ٻيو ڪو وچ ۾ به نه اچي، هاڻ وچجي ته ڪيڏانهن وڃجي؟

▲ هاڻ اسانکي جو ڪجهه به ڪرڻو آهي، سوچي سمجهي ڪرڻو آهي. نيشنل عوامي پارٽي، پنهنجي منشور تان ڦري وئي آهي. سرحد ۽ بلوچستان جي عوام نيشنل عوامي پارٽي کيءَ ووٽ ڏنا. پر هن پارٽيءَ پنهنجي ٻنهين صوبن جي عوام سان دوکو ڪيو آهي. هاڻ انهي پارٽيءَ تي ڀاڙي ويهڻ، يا انهيءَ مان ڪا چڱائيءَ جي اميد رکڻ، حماقت کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي.

▲ اسين اهو مڃون ٿا ته پيپلس پارٽي ڪجهه اصلاحات ڪيا آهن. پر ظاهر ۾ جيڪو فائدو انهن اصلاحات ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، حقيقت ۾ اوترو ڪونهي. پيپلس پارٽي جيڪي به اصلاحتون آنديون آهن، انهن مان فقط تعليمي اصلاحات چڱي آهي. پيپلس پارٽي جيڪي به وزير ۽ گورنر ڪنيا آهن، انهن مان هڪ-ٻن کان علاوه سڀئي بيڪار. ۽ اسين اهو چوڻ ۾ بلڪل نه هٻڪنداسين، ته هن حڪومت ۾ جيتريون سفارشون

هلن پيون، جيتريون ڏانڌليون ٿين پيون ۽ رشوتون ونجن پيون، پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ شايد ايڏي انڌير نگري نه ٿي هوندي. اسين اهو ٽتا چئون، ته اهو ڏوهه ذوالفقارعلي ڀٽي جو آهي. جنهن حالت ۾ کيس ملڪ مليو، انهيءَ کي فقط اهو ماڻهو ئي سنڀالي سگهيو ٿي، ڀٽي ڪنهنجي نه طاقت هئي، ۽ نه همٿ. هن وقت به کيس تمام گهڻن مسئلن کي منهن ڏيڻو آهي. پر وزيرن، گورنرن ۽ مشيرن جي چونڊ ته پاڻ ڪيائين. انهيءَ ۾ ته احتياط ڪري ها.

▲ صدر ڀٽو اليڪشن کان اڳ سنڌ، ۽ هر صوبي ۾ پنهنجي تقرير ۾ چوندو هو: 'مان ڪنهن به صوبي سان غداري نه ڪندس.' پر هاڻ سنڌ جي مسئلن کان اکيون ٻوٽي ڇو ويٺو آهي. پاڻ سانگهڙ واري تقرير (٣١- مارچ، ١٩٧٢) ۾ چيو هئائين: 'زبان جو مسئلو قومي اسيمبليءَ جا ميمبر حل ڪندا.' پرپوءِ پاڻ جيڪو 'وقتي آئين' ڏنائين، انهيءَ ۾ اردو ٻولي اسان تي ڇو ٺـڦي ڇڏيائين. کيس گهرجي ها ته پنهنجي طرفان 'وقتي آئين' ۾ چار زبانون رکي ها، پوءِ ڀلي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي جيتريون به زبانون وڻن ها، رکن ها.

▲ اسان پيپلس پارٽيءَ کي ڇا انهيءَ ڪري ووٽ ڏناسين؟ ڇا انهيءَ ڪري ايوب جهڙي جابر ۽ آمر جي ڏينهن ۾ اسان پيپلس پارٽيءَ جا جهنڊا پنهنجن گهرن تي هنياسين. سندس سات ڏنوسين. اسان هن پارٽيءَ جا اصول ۽ منشور ڏسي ۽ ڀٽي جا واعدا ٻڌي سندس سات ڏنو هو. اسانکي اميد هئي ته اها سٺي پارٽي ثابت ٿيندي ۽ سنڌ جا کسيل حق ورائي ڏيندي. اسان اها ڳالهه سوچي به نه هئي ته ڀٽو صاحب، پنهنجي واعدن کي پاڙڻ ۾ غفلت ڪندو. ٣- ڊسمبر ١٩٧١ع تي راولپنڊيءَ ۾ تقرير ڪندي ڀٽي چيو هو: 'مان انهيءَ ڪري ڪوٽ نه پائي آيو آهيان، ته مونکي سيءُ پيو پوي. نه، اها ڳالهه ڪانهي. مان انهي ڪري ڪوٽ پائي آيو آهيان، ڇو ته هن ۾ قيوم خان جو معافي ناموَن پيل آهي. اها معافي، جيڪا هن ايوب کان ورتي هئي.' وري اڳيان چيائين، 'مونکي چيو تو وڃي (يحيٰ حڪومت) ته قيوم سان ناهه ڪر. مان انهيءَ ماڻهو سان ناهه ڪريان، جيڪو ايوب کان معافي وٺي ٿو، مان انهيءَ سان گڏ حڪومت ناهيان؟ انهيءَ تي ڪهڙو

هئا. هڪ ـ اڌ اهڙو به مثال آهي، جنهنکي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي، انهيءَ اجا چارج به نه ورتي هئي، يا هڪڙو ته ڪافي وقت اڳ ۾ مري ويو هو. اهو چوڻ ته جيڪي آفيسر ڪڍيا ويا هئا، انهن مان واقعي نا آهل ڪيترا هئا، مشڪل آهي. پر اهو ضرور چئي سگهجي ٿو، جن ماڻهن اهڙي غير ذميداريءَ سان اِها لسٽ ناهي، اُهي نا آهل ضرور آهن.

▲ جيستائين زبان جو مسئلو آهي، ممتاز ڀٽي مان ته اها اميد رکي سگهون ٿا، ته هو سنڌي زبان کي سنڌ جي سرڪاري زبان جي حيثيت ڏياري ڇڏيندو. پر قومي زبان جو درجو ڏيارڻ هنجي وَس ۾ ڪونهي پر ذوالفقار علي ڀٽي مان اسين اُميد ڪيئن رکون؟ هُن اردوءَ ۾ حلف کڻي، اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي، ته هو اردوءَ کي اهميت ڏئي ٿو، جنهن حالت ۾ کيس خبر آهي ته زبان جي مسئلي تي اختلاف موجود آهي، ته هنکي گهربو هو ته حلف انگريزيءَ ۾ کڻي ها. جيڪڏهن انگريزيءَ جي بدران ڀٽو صاحب، پنجابي، پشتو يا بلوچي زبان ۾ حلف کڻي ها ته به اسانکي خوشي ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته اهي پاڪستان جون اصلي ٻوليون آهن. پر شايد ڀٽو صاحب اردو ڪڏهن نه ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته پوءِ اِهي جذباتي تقريرون پاڻ نه پنجابيءَ ۾ ڪري سگهندو، نه پشتو ۽ بلوچيءَ ۾. ۽ هاڻ ته اردوءَ جي پاڙ پختي ڪرڻ لاءِ مرڪزي قانون جي وزير چيو آهي ته: 'آئينده کان هر سرڪاري اعلان جي ڪاپي اردوءَ ۾ لکيل ڏني ويندي.' تنهنڪري سنڌي زبان کي قومي زبان جي حيثيت ڏيارڻ لاءِ اسانکي سخت جدوجهد ڪرڻي پوندي. اهو ڪم، يا صوبن جي خودمختياريءَ جو ڪم آسان نه آهي. اسانکي قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي هر طرح مجبور ڪرڻو پوندو، ته جيئن اُهي هي ٻئي مسئلا حل ڪرائين.

▲ صدر ڀٽي، يحيٰ جي حڪومت ۾ اولهه پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي ميمبرن کي ڌمڪي ڏني هئي ته: 'جيڪڏهن انهن مان ڪو به اوڀر پاڪستان ويو، ته اسين انهن جون ٽنگون ڀڃي ڇڏينداسين.' ڇاڪاڻ ته ڀٽي صاحب جو خيال هو، ته ڍاڪا ۾ ٿيندڙ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ اولهه پاڪستان جي عوام جي مفاد جي خلاف قدم کنيو

ويندو. ڀٽي اسانکي سيڪاريو آهي، ته عوام جي خلاف ڪم ڪندڙن جون ٽنگون ڀڃي ڇڏجن. جيڪا ڳالهه صدر ڀٽي اسانکي سيڪاري آهي، اسانکي انهيءَ تي عمل ڪرڻ گهرجي. اسانجا جيڪي ميمبر سنڌ جي مفاد جي خلاف ڪم ڪن، اسانکي انهن جون ٽنگون ڀڃڻ گهرجن. اسانکي گهرجي، ته اسين پنهن صوبن جي محب وطن سياسي ليڊرن، شاگرد ليڊرن ۽ ماڻهن سان ملي، انهن جي به مدد وٺون. ۽ اهوئي صحيح طريقو آهي. باقي ٺهلين جذباتي تقريرن ۽ اخباري بيان ڪيڻ سان ڪجهه نه ورندو.

▲ صدر ڀٽو اليڪشن ٿيڻ کانپوءِ هميشه چوندو هو: "اسانکي عوام چونڊيو آهي، اسانکي حق آهي ته اسين حڪومت ڪريون." سندس اهو مطالبو جائز هو. اسان سندس پٺ ڀرائي ڪئيسين. پر ڀٽو صاحب اهو بڌائيندو، ته پاڻ اهڙن ماڻهن کي ڇو وزير ڪنيائين، جنکي عوام نه چونڊيو آهي. جيئن: معراج محمد خان، جي- آي- رحيم، عبدالوحيد ڪٽپر! ڇا پيپلس پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل اُميدوار اهڙا نا اهل هئا، جو انهنکي ڇڏي، اهڙن ماڻهن کي وزير ڪيو ويو، جيڪي عوام جا نمائينده ڪونهن. جيڪڏهن اهي ايڏا قابل هئا، ته پوءِ انهن کي چونڊ اليڪشن ۾ بيهاريو ويو. انهن کان ته بهتر هو، ته پيپلس پارٽيءَ جي انهن ماڻهن کي وزير ڪري ڪنيو وڃي ها، جيڪي اليڪشن ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا. آخر انهن کي عوام جا ڪجهه نه ڪجهه ووٽ ته مليا هئا.

▲ پيپلس پارٽيءَ جا پرڪار جيڪڏهن خراب آهن، ته نيشنل عوامي هنکان به وڌيڪ گندا پئي ڪري. هن پارٽيءَ جي باري ۾ اسان سنڌين کي ڏاڍي خوش فهمي هئي. انهيءَ ۾ اسانجو ڏوهه به ڪونهي. سندن منشور ۾ ڪي ڳالهيون ته پيپلس پارٽيءَ جي منشور کان به وڌيڪ چڱيون هيون. مثال طور: چار قومي زبانون ۽ صوبن جي خود مختياري. سندن منشور ۾ اهو به آهي، ته سندن حڪومت آئي ته ملڪ ۾ سڪيولرازم نظام رائج ڪيو ويندو. پر هاڻ انهيءَ پارٽي سرحد ۽ بلوچستان ۾ اردوءَ کي سرڪاري زبان جو درجو ڏنو آهي. صوبن جي خود مختياري جي ڇڏ ته ڳالها ئي وسري وئي اٿن.

سيڪيولرازم تان تہ ساڳيئن ولي خان ڦري ويو، چي: 'هاڻ هنجي ضرورت نہ آهي.' ولي‌خان اهو بہ چيو آهي تہ: 'هاڻ پختونستان جو مسئلو بہ نہ رهيو آهي.' جيڪڏهن انهن کي، انهن ڳالهين کان ڦرڻو هو، تہ اليڪشن کان اڳ ڦري ها، جنهن منشور تي، جن اصولن تي انهن عوام کان ووٽ ورتا آهن، انهن کان ڦرڻ جو انهن کي ڪهڙو حق آهي؟

▲ آها پارٽي جيڪا اسيمبليءَ جي ڪجهہ ميمبرن کي ڦيرائڻ لاءِ، پنهنجي منشور ۽ اصولن تان ڦري ويئي، آها پارٽي پنهنجي مفاد خاطر ڪنهن بہ صوبي کي تباهہ ڪري سگهي ٿي. ۽ اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ ولي خان پنهنجي پارٽيءَ جي مفاد خاطر سنڌ ۾ فساد ڪرائڻ گهري ٿو. ولي خان جو چيو آهي تہ: بهاري اماڻوت اچن، اسانجي اکين تي، اسين کين دل ۾ جاءِ ڏينداسين. سو فقط سنڌ ۾ رهندڙ اردو بازن کي خوش ڪرڻ لاءِ. کيس خبر هئي تہ سنڌ جا اصلي وارث سنڌي زبان کي سرڪاري ۽ قومي زبان جي حيثيت ڏيارڻ لاءِ سخت جدوجهد ڪن پيا، اسان سنڌين جي انهي تحريڪ کي سبوتيج (Sabotage) ڪرڻ لاءِ ولي خان اردو بازن جو پاسو ورتو آهي، انهيءَ مان سندس مقصد فقط اهو آهي تہ گهٽي ۾ گهٽي اردو بازن کي پيپلس پارٽيءَ جي خلاف ڪجي (جيتوڻيڪ اهي اردو باز پيپلس پارٽيءَ جا سخت دشمن آهن، ڇاڪاڻ تہ پيپلس پارٽيءَ جو چيئرمين سنڌي آهي.) پر ولي خان پيپلس پارٽيءَ کان انتقام وٺڻ لاءِ سنڌ کي نقصان رسائڻ کان بہ ڪونہ گسايو. ۽ اهي اردو باز، جيڪي ڪلهہ تائين ولي خان کي 'ڀارت جو ايجنٽ' چوندا هئا، اڄ ولي خان زنده باد جا نعرا هڻن پيا. جڏهن اردو باز ولي خان زنده باد جا نعرا هڻندا، تہ سنڌ جو محب وطن عوام ولي خان مرده باد جو نعرو هڻندو. ڇاڪاڻ تہ جيڪو شخص اردو بازن جو حمايتي هوندو، آهو سنڌين جو سڄڻ ڪنهن بہ حالت ۾ ٿي نٿو سگهي.

▲ حقيقت اها آهي، تہ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ ڪوبہ صحيح معنيٰ ۾ ليڊر ڪونهي. اهو وقت ويو، جڏهن مولانا ڀاشاني، غفار خان، جي- ايم- سيد، حيدر بخش جتوئي ۽ عبدالحميد سنڌي جهڙا ليڊر

هن پارٽي ۾ هئا. هاڻ انهن مان ڪوبه هن پارٽيءَ ۾ نه رهيو آهي. گهڻي عرصي کان اها پارٽي ڪئين حصن ۾ ورهائجي وئي آهي. پاشاني واري نيشنل عوامي پارٽي اڳ ئي الڳ ٿي وئي هئي. ۽ پوءِ اوير پاڪستان ئي الڳ ٿي ويو. سرحد ۾ نيشنل عوامي پارٽي جمعيت علماءِ اسلام جي محتاج آهي. بلوچستان ۾ اها پارٽي فقط سردارن جي آهي. پنجاب ۾ محمود علي قصوري جي پارٽي ڇڏڻ ڪري، پارٽيءَ جو وجود ئي ختم ٿي ويو. ۽ هاڻ فقط پارٽيءَ جا 'اخباري' ليڊر رهجي ويا آهن. ساڳيو حال سنڌ ۾ آهي. هتي جون واڳون محمودالحق عثماني جي هٿ ۾ آهن، جنهنجي چوڌاري فقط غلام محمد لغاريءَ تائين آهي. محمود الحق عثماني اهو شخص آهي، جنهن چيو هو ته: جيڪڏهن اسانکي خبر هجي ها، ته 'پاڪستان ۾ اردوءَ جو اهو حشر ٿيندو، ته اسين پاڪستان کي ووٽ ئي نه ڏيون ها.' اهي هٿ نوڪيا ترقي پسند آهن. غلام محمد لغاري صاحب، حيدرآباد ۾ ولي خان واري جلسي ۾ اردوءَ ۾ تقرير ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن 'يوم سنڌ' تي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندي اردوءَ تي چوٽ چنبيا. غلام محمد لغاري ۽ محمودالحق عثماني سنڌ ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا پير کوڙڻ لاءِ سنڌي شاگردن کي استعمال ڪيو، ۽ ۴- مارچ تي، (جيڪو نيج سنڌي شاگردن جو ڏينهن آهي) شاگردن جو نالو ڏئي پنهنجو جلسو ڪرايائون. نيشنل عوامي پارٽيءَ جا سنڌ ۾ پير پختا ٿي وڃن ها، جيڪڏهن بلوچستان ۽ سرحد ۾ اها پارٽي اردوءَ کي سرڪاري ٻولي نه ڪري ها. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ظاهر آهي، ته نيشنل عوامي پارٽي رڳو سنڌ ۾، پيپلس پارٽيءَ ۾ ڏڦير پيدا ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ غير سنڌين جي گهڻائي آهي. انهن جو مقصد آهي، ته ٻن صوبن ۾ اردو ٿيڻ سان سنڌ ۾ سنڌي سرڪاري زبان نه ٿي سگهندي، گوڙ ٿيندو ۽ 'اٿڙ ۾ ڪانءُ کي مزو' واري ڳالهه ٿيندي.

▲ اسين انهن سنڌي شاگردن کان پڇون ٿا، اسين غلام محمد لغاري ڏان پڇون ٿا، هاڻ اوهين ڪٿي آهيو؟ عطاالله مينگل، ڊاڪٽر عبدالحي ۽ بزنجو کي پنهنجو هيرو سمجهڻ وارا، انهن کي سڏائڻ وارا ۽ 'بزنجو زنده باد، عطاالله مينگل زنده باد' ڪرڻ وارا هاڻ ڇو

مان آهن. جو نتا نيشنل عوامي پارٽيءَ جي خلاف بيان ڏين. ڇو انهن جا وات بند آهن. پيپلس پارٽي ڪوبہ غلط ڪم ڪري ٿي تہ هاءِ گهوڙا مچيو وڃي، هاڻ اِها پراسرار خاموشي ڇو؟ ڪنهن اوهانکي خاموش رهڻ لاءِ چيو آهي؟ اڃا بہ ڪيو ولي خان جي حمايت. ڏيوس ڪيس مبارڪ جو هن بهارين لاءِ چيو آهي تہ: 'اسانجي صوبي ۾ اچن، اسانجي اکين تي، اسين دل ۾ جايون ڏينداسين.' ۽ اها ڳالهہ ولي خان ڇڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو، تہ بهاري ايندا تہ سنڌ ۾ ئي رهندا. سنڌين جو ماس پٽيندا. سرحد ۾ نہ ويندا. ڪريو اڃا ولي خان جي حمايت.

▲ اِهو ياد رکو، تہ ولي خان ياسندس پارٽي مان ڪوبہ آسرو نہ رکو ولي خان ڪوبہ چڱو ڪم نہ ڪندو. ولي خان ۽ سندس پارٽي هاڻ رڳو ملڪ ۾ ڏڦير پئي وجهي. ڀارت جون فوجون سرحدن تي وينيون آهن، پر آهي ڪيس نظر نٿيون اچن. پر ايران جي اندر جيڪي فوجون آهن، سي بہ ڪيس نظر اچي ويون. اِهي سڀئي حرڪتون فقط ملڪ ۾ انتشار ڦهلائڻ لاءِ آهن. ولي خان سيڪولرازم ۽ پختونستان تان فقط انهيءَ ڪري ڦري ويو، جو انهن سرحد ۾ جميعت علماء اسلام سان گڏ حڪومت ٺاهي آهي، اهي جيڪڏهن ناراض ٿي پيا تہ وزارت ڊهي پوندي. اهو ولي خان جيڪو مزورن جو حامي هو، اڄ سرمائيدارن جي پٺڀرائي ڪري پيو. ڪالهہ تائين اردو اخبارن ولي خان جون دشمن هيون، اڄ ولي خان جي ساراهہ مان نٿيون ڍاپجن. نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ساراهہ ۾ انهن ايڊيٽوريل لکيا آهن. ڇاڪان تہ ولي خان بهارين جي پاڪستان ۾ اچڻ جي حمايت ڪئي آهي. ۽ سندس پارٽي سرحد ۽ بلوچستان ۾ اردوءَ کي سرڪاري زبان جو درجو ڏنو آهي.

▲ اسين اوهانکي اها صلاح نہ ڏينداسين تہ: وڃي تہ پيپلس پارٽيءَ جي طرفداري ڪريو، وڃي تہ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي. يا ٻي ڪنهن چور پارٽيءَ جو سات ڏيو. نہ، اسين اوهانکي اهڙي صلاح بنهہ نہ ڏينداسين. اوهين ڪنهن بہ پارٽيءَ ۾ آسرو نہ رکي ويهو. سنڌ جي بدقسمتي اها آهي تہ سنڌ کي ڪو ليڊر ڪونهي. هڪڙا جي-ايم- سيد جا پوئلڳ، تہ ٻيا سندن

سخت خلاف. شاگرد ليڊرن لاءِ اڳ ۾ ئي چئي آيا آهيون ، تہ اهي پاڻ ۾ ئي ٽٽا نهن، تہ سند کي ڇا ٿاهيندا. جيتوڻيڪ سيني جا نعرا ساڳيا آهن. پر هڪ ٻئي جي سخت خلاف آهن. جيڪر اهي پنهنجا ويڇا وسري، پاڻ ملي ڪم ڪن، تہ اسانجا سيئي مسئلا مهينن ۾ نہ، بلڪ ڏينهن ۾ حل ٿي وڃن.

▲ هاڻ اهو فيصلو سنڌ جي عوام کي ڪرڻو آهي، تہ ڇا اسين ٻڌلين وانگر سياسي پارٽين جي اشاري تي نچندا رهون يا شاگردن ليڊرن جي تقريرن ۽ واعدن جي ڪاڪ محل ۾ منجهيل رهون. هي وقت اهڙو ڪونهي، جو اسين ماٺ ۾ رهون. اسانکي گهرجي تہ هر هڪ فرد اڪيلي سر ۽ گڏجي، شاگردن ليڊرن کي مجبور ڪريون تہ آهي پاڻ ۾ نهن. قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي مجبور ڪيون، تہ هو اسانکي اسانجا حق ونرائي ڏين. هر سنڌيءَ کي جدوجهد ڪرڻي آهي. جيڪا قوم جدوجهد نہ ڪندي انهيءَ کي پنهنجا حق ڪڏهين نہ ملندا، اها ڪڏهن ترقي نہ ڪري سگهندي . هيءُ وقت اسانجي امتحان جو آهي، اسانجي آزمائش جو آهي، هن وقت جيڪڏهن اسين ناڪام ٿياسين تہ اها ناڪامي دائمي هوندي. جو ڪجهہ ڪرڻو آهي، اهو هاڻ ڪرڻو آهي. جو ڪجهہ ڪرڻو آهي، اهو اڄ ڪرڻو آهي، جو ڪجهہ ڪرڻو آهي ، اهو هينئر ڪرڻو آهي. سڀاڻي جو انتظار، ڇيهو رسائيندو .

## جيئي سنڌ - جيئن سنڌي

—طارق اشرف

پلي بک پرم جي
روشن رات، آونداهو صبح

# ڪهاڻيون

عبدالجبار جوڻيجو
مسرور بدوي

چار هفتا منهنجي خرچ تي شراب پي چار چيني آڌيا مونکان کڻي ويو. مونکي مالي ڇيهو سو رسيو، پر سلميٰ جي هميشه لاءِ جند ڇٽي پئي.

خير سان مرزا جو ٻيو عشق 'ماناوتيءَ' سان ٿيو. هوءَ اهڙي واترادي هئي، جو سندس گجگوڙ واري آواز مان ائين سمجهبو هو ته پيڪنگ کان جڪارتا وارن سان مخاطب آهي. مٿان وري هرڪنهن سان گهرائيءَ ۾ پنهنجائپ سان ڳالهائيندي هئي، اُن ڳالهه گهڻن پائرن کي پلايو. هڪ ڏينهن مون، مرزا ۽ ٿائلنڊ واري ننڍڙي دوست برف کي پئي ٽڏا هنيا. اوچتو هڪ طرف کان ماناوتي پنهنجيءَ هڪ هم وطن سان اچي نڪتي. نڪا ڪيائين هم نڪا تم، وٺي برف مان گنڊا ناهي اسان تي وسائڻ شروع ڪيائين. مون ۽ ننڍڙي دوست به مٿس خوب جوابي حملو ڪيو. اهڙا ڇيلهه وارا گنڊا ٺوڪياسينس، جو جوش ڇڏي ويس. مرزا چيو، "يار ڪجهه ته خيال ڪر، ڇوريءَ جو پيتو تو ڦيهين."

"پلي ڦسي پئيس،" مون چيو.

"اڙي مسلمان آهي."

"راند ۾ سيد پير ڪونه ٿيندو آهي." مون آخري ٻڪ پري ماناوتيءَ جي منهن تي اُڇليو، پر گسي وڃي ڇاتيءَ تي لڳس. اِتي ننڍڙي دوست هٿ چنبي مٿي ڪنيا ۽ هڪل ڪيائين، 'ٺِنگ خئُو' (جنگ بند ڪريو) سيني نهايت سعادتمنديءَ سان برف جا گولا اُڇلي ڇڏيا ۽ مڪمل جنگ بندي ٿي وئي. مون ماناوتيءَ کي چيو، "ننڍڙي دوست جو ٿورو مڃيو."

هُن جُهڪي ننڍڙي دوست جا هٿ هٿن ۾ ورتا. "مهرباني ننڍڙا دوست." پوءِ هرڪو ٽڙي پکڙجي ويو. مرزا جو خيال هو ته اچوڪي برف- راند يعني سرد جنگ کانپوءِ ماناوتي هن سان نهي وئي هئي.

اڃان اُهو ئي هفتو هو. هڪ سرد ٽپهريءَ جو بلڊنگ جي ويڪري ڏاڪڻ تي ويٺا هئاسين. مرزا هو، ماناوتي هئي ۽ هڪڙي

هڪڙي شيدي بادشاه ڪانئي، ۽ چريءَ سان ميوزڪ پيدا ڪندي پڇيو.
”ها، تون اچا ننڍڙو آهين، ڪونہ سمجھندين،“ مون چيو.
”آءٌ تہ ننڍي نہ آهيان،“ مانا وتيءَ چيو.
”تون تہ بادشاه ڪان بہ ننڍي آهين، پين تي بيهڻ جي ڪوشش نہ ڪر ۽ ماني ڪائي وڃي آرام ڪر،“ مون چيو. ”خدا ڪري اوهانجي ملڪ سان اسانجا لاڳاپا سٺا رهن.“ اِهو پڌي، ’آمين‘ چئي هلي ويئي. مرزا ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ پڇيائين، ”يار، پيٽ جو سُور وري ڪهڙو؟“
”جيڪو تو کي هو.“
”ها يار،“ مرزا جواب ڏنو.

بهرحال اهو سُور بہ لهي ويس. علاج جي قدرتي طريقي ۾ ۾ بہ آخر فائدا آهن. مرزا صاحب جو ٽيون نمبر عشق هڪ يورپي اپسرا سان ٿيو. هنڪي اُنهن ڏينهن اُتي پهتي هڪ هفتو مس ٿيو هو، ۽ ’دعا سلام، ڪاغذ قلم، بال ميدان، ڊبل روٽي، بيضو ۽ چانور‘ سکي هوندي جو، ڪنهن وندر جي پروگرام تان موٽندي مرزا وڻ ويڙهيءَ وانگر چنبڙي ويس. نالو تہ الائي ڪهڙو هوس. ’ليزا‘ چوندا هئس. فرينچ بہ ڳالهائيندي هئي، پر فرانس جي بہ نہ هئي، سئٽزرلينڊ کان آئي هئي. مونکي مرزا اک سان اشارو ڪندو هُن سان گڏ هليو ويو. آءٌ آڌرياءَ روم ۾ فون ڪرڻ لاءِ هليو ويس. مون مرزا جي پراڻي رڪارڊ جي روشنيءَ ۾ اهو چاتو، تہ ليزا ڏاڪڻ چڙهي پنهنجي ڪمري ڏي هلي ويئي هوندي ۽ مرزا ويچارو ويٺو پنهنجي ڪمري ۾ ڪياڙي کنهندو هوندو. سندس صورت ڏسڻ لاءِ وٽس ويس. دروازو ڪڙڪايم، اندر اچڻ جو حڪم مليو. اندر گهڙيس تہ ٻئي موجود هئا. ٻنهي جي وچ ۾ ڪي ڪتاب اردو شعر جا پڪڙيا پيا هئا ۽ انهن تي تبصرو پئي ٿيو. ليزا جي اڳيان مرزا پنهنجا ۽ پنهنجي خاندان جا فوٽو بہ ڪٽي پکيڙيا هئا. مرزا پنهنجن نظمن جو ڪتاب ڪڍي، اُن مان هڪ نظم جو چينيءَ گڏيل انگريزي ترجمو ڪري رهيو هو ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ ليزا جي ڳلن، چپن، اکين ۽ چانديءَ جهڙن وارن ڏي

اشارا ڪندي، پنهنجي ٻچڙل وارن مان هڪ اڌ ڪارو وار کولهي بہ ڏيکاري رهيو هو. هڪ پيري ليزا جي چپن ڏي اشارو ڪري چيائين، ”.... your liPs“ ليزا وري ڏند ڪڍي پڇيو، ”ڇي، ڪہ؟“ جواب ۾ مرزا چپن تي آڱر رکي چيو ”ڇي، ڪہ!“ هوءَ ويچاري کنڊ لوڏ ڪندي رهي ۽ پل پل فرينچ ۾، ’ٽري، بيان (تمام سٺو)‘ چوندي رهي. ايتري ۾ ٻاهران آواز آيو، ”مرزا، فون.“ هو جئن فون ٻڌڻ لاءِ اٿيو، تہ ليزا بہ اٿي ۽ معذرت ڪندي هلي ويئي. مرزا فون وٽ پهتو تہ آءٌ بہ آڌر ڀاءُ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي پهتس. فون ڪري مون وٽ اچي چيائين، ”يار، نذير کي بہ، هن وقت فون ڪرڻي هئي، بهرحال هاڻي ليزا کي ريجهائڻو آهي.“

مون سمجهيو تہ عاشق معشوق ۾ ضرور ڪي ڳجهيون ڳالهيون ٿيون هونديون، جو هو ايتري اعتماد سان پيو ڳالهائي. ٻئي ڏينهن ڪلاس مان واپس پيا اچون تہ ليزا سامهون ايندي، نظر آئي- ’مسڪراهٽ قاتل اٿس.‘ اسانجو ۽ خاص طور مرزا جو خيال هو تہ مُرڪي ’ني هائو‘ (سلام) ڪندي. پر پيو ٿيو خير! نهاريندي آڻ-سڃاڻوءَ وانگر لنگهي ويئي. مرزا جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. پوءِ بہ ڪيترا پيرا ڳس پنڌ نظر آئي، پر ڪنگهيائين بہ ڪونہ. همراه ڏسو تہ تنگون پيون ڏڪنس، پر سرڪار کي پرواه هجي نہ! ٻئسڪيٽ بال ميچ تان موٽندي مرزا سلام ڪيو، جهڙو تهڙو جواب مليس ۽ بس. رات جو مون وٽ آيو. چيائين، ”مونکي تي بي چو ڌي ٿئي.“

”بي سبب چو ٿئي.“

”يار ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان؟“ مرزا پڇيو. ”منهنجي من ۾ باهہ ٻئي ٻري.“

”هوءَ پوڙهي ڊاڪٽرياڻي ڪونہ چوندي آهي تہ گهڻو پاڻي پيئندا ڪريو.“

”يار، چرچا ڇڏ.“

”آءٌ چرچا ڪونہ ٿو ڪريان. هيءَ ڳالهہ تنهنجي وس-کان ٻاهر آهي. بلڪ تنهنجي پهچ، وس، وهم، گمان ۽ خيال کان پري آهي.“ مون نصيحت جي نموني چيو.

بيهودي گفتگو ڪئي هئائين. ميريا پنهنجي مٿي تان ريشمي رومال ڇوڙي چشمو صاف ڪيو ۽ وري چشمو چاڙهيندي چيائين، ”ڪلاس پائي، اِهو شخص وري رباني ۽ سان فارسي ۽ پشتو ۾ پنهنجي پِٽَ ۾ هم زبان ٿيو وتي، . حقيقت ۾ هنجي زبان کي لغام جي ضرورت آهي.“

”سچ پڇو ته آلپاڻ جي ضرورت اٿس،“ مون چيو.

مونکي دنيا ۾ جن ڳالهين کي ساراهڻ ۾ مزو ايندو آهي، انهن ۾ ميريا جي چال ڍال مشرقي انداز ۽ سنڌين واري سادگي به اچي وڃي ٿي. ڇوڪري نه هئي، سچي عاشق مجنون مرحوم جو جيئرو جاڳندو نمونو هئي. منجهس رڳو هِه عيب هئا، پير کان ٿورو منڊڪائيندي هئي ۽ رباني ۽ کي ’لاپاني‘ چوندي هئي. نيٺ لاپاني ۽، مرزا کي پناڻڪو ٺونشو ڏيکاريو ۽ مرزا جو جوش ئي ختم ٿي ويو. مرزا جي ڪا پيٺَ لڳي، جو انهن ئي ڏينهن ميريا جي ڪورس ختم ٿيڻ ۽ واپس ورڻ جو وقت اچي ويو. ريلوي اسٽيشن تي عاشق معشوق جي جدائي ۽ جو جيڪو منظر ڏٺوسين، اهڙو منظر خدا دشمن کي به نه ڏيکاري.

مرزا سان رباني ۽ اهڙي ڪاروائي ڪئي هئي، جو همراه مونکي ٻوڙي اچي چيو، ”هاڻي جي سونکي ڪنهن سان ڳالهائيندي ڏسين ته....“ مون سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو، ”تو کي ڳالهائڻ کان ڪير ٿو روڪي! تون غلط قسم جو قدم ٿو کڻين.“ مون ڏٺو پئي ته مرزا پنهنجي آٽ ويهه ۾ تبديل ڪونه ٿيو. ڇوڪرين کي سلام ڪندو رهيو. منگوليا جي هڪ ڊينبي پوڙهي ۽ کي ته سلامن سان تپائي ڇڏيائين، پر وريو سريو ڪجهه به نه. هڪ ڏينهن هڪ چيني ڇوڪري ۽ بابت چيائين، ”يار، هوء چينياڻي، جيڪا فنڪشن ۾ اناؤنسمينٽ ڪندي آهي نه.“

”فرينچ پڙهڻ واري ’چبائو مي،‘“

”ها ها، آها خرگوش. ڏس ڪيتري نه چنچل آهي!“ مرزا چيو.

”ها آهي پوءِ؟“

”ڇوريءَ جون اکيون نه واه جون آهن.“

”ها آهن پوءِ!“

”ايندي پئي آهي ته ماڻهو سمجهندو ته هٽ کان وٺندي.“

”ائين نه آهي،“ مون چيو. ”هنجو حسن فقط ڇيني ڇڄڻ ۾ آهي. ڪتاب ۾ ڪونه پڙهيو اٿئي: ’اسان وٽ چيئرمن مائو جي خيالن جا هٿيار آهن.‘ اڙانگا ماڻهو اٿئي، انهن سان قلوپطره بابت گفتگو ئي نه ڪج.“

”هاءِ هاءِ ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي،“ مرزا چيو. ”هوءَ جيڪا عينڪي، انگريزي تي پڙهي، ڇوريءَ سڀئون پاڻ ڇڏي ڏنيون، وار ننڍا ڪرائي ڇڏيائين. چئي ٿي: ’سڀئون پاڻ ۾ چوٽين ويڙهائڻ مان انقلاب کي ڪهڙو فائدو آهي؟ هڪڙي ڏينهن چيائين ته: ’هيڏا سارا چيئرمن مائو جا ڪتاب پيا آهن، تون اڃا رڳو پيو شيڪسپيئر جي نازڪ پتلين ۽ پنگلن بادشاهن جا گيت ڳائين. آءٌ انگريزي ٻولي، عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ تي پڙهان، ڪو ڪوڙن قصن ۽ سرمائيدارانه افسانن لاءِ ڪونه تي پڙهان.“‘ ٿوري ساهي پٽي ۽ پاڻي پي وري چيائين، ”يار، هڪ پاسي لينن کي ٻيهار ٻئي پاسي قلوپطره کي، ته ووٽ سڀ لينن ڏي ويندا.“

مرزا کي چڱا سبق مليا هئا. هر هنڌ چوندو وتندو هو: ”يارو هتي ته سڀ Sexless پيا لڳن. عورتون عورتون نه آهن. ڪجهه منهنجي ٻه پُڙل آهي. آءٌ ٻه ڏاڪڻ تي يڪو ٽپ ڏيئي ٿو چڙهان. ڪير ويٺو هڪ هڪ قدم کي پنهنجو وقت وڃائي.“

وطن ورندي جڏهن ڍاڪا پهتاسين، ته مونکي نهايت ذڪاري نموني چيائين، ”ڪهڙو منهن کڻي پشاور ويندس. محمد نواز کي ڪهڙو جواب ڏيندس. هو منهنجو دوست آهي، مونکي هن ناڪاميءَ تي ملامت ڪندو.“

معاملو پرم جو هو. ڪراچيءَ واري جهاز کي دير هئي، پر

لاهور رستي پشاور ويندز جهاز تيار هو. ايتري ۾ مونکي هڪ گروپ فوٽو ياد پيو. هڪدم بئگ مان اُهو ڪڍي ڪيس ڏنم ۽ چيومانس: ”پاسن کان بيٺل ماڻهو قينچيءَ سان ڪاٽي ڇڏبا ته باقي تون ۽ ماڻا وٽي وڃي بچندا.“

اکين ۾ وڄ جو چمڪات پيدا ٿيس ۽ زور سان چيائين: ”زنده باد جونيجو جي! منهنجو پيرم رهجي ايندو!“

---

!

جماعت اسلاميءَ جي هڪ ليڊر ٨- اپريل، ١٩٨٢ع تي ، حيدرآباد ۾ هڪ عام جلسي ۾ تقرير ڪندي چيو ته: ’اسانکي اقتدار جي بک ڪانهي.‘

(پڌل تقرير)

مودودي جماعت جا ليڊر صاحب، جيڪڏهن اوهانکي اقتدار جي بُکَ نه هئي، ته اليڪشن ۾ سڀ کان وڌيڪ ميمبر اوهانجي پارٽيءَ ڇو بيهاريا هئا؟ سچ ته اِهو آهي، ته اوهانکي جيڪڏهن اقتدار جي بُکَ هجي، ته به اوهين اِها بُکَ لاهي نٿا سگهو، ڇاڪاڻ ته مرڪز ۾ اوهانجا آهن ئي چار ميمبر.

!

پير علي محمد راشدي چيو آهي ته: ’جيڪڏهن مارشل لا نه هجي ها، ته هاڪس بي، تي جن غنڊا گردي ڪئي، تنکي ڪيئن سزا ڏجي ها؟‘

(حريت اخبار)

پير صاحب، اوهان واقعي عقلمنديءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. اهڙين ڳالهين لاءِ مارشل لا جو هئڻ ضروري هو. پر هڪڙي ڳالهه ته ٻڌايو: آمريڪا، فرانس، برطانيه، ڀارت ۽ دنيا جي سوَن وڏن توڙي ننڍن شهرن ۾، مارشل لا ڪانهي، پوءِ اُتي غنڊن کي ڪيئن سزا ڏيندا آهن؟

بيدل مسرور بدوي

# روشن رات، اونداهو صبح

ڪاڪي ڪريمداد موڪلايو، ته مون ڇنگهون ٻ ڳهيون ڪري، سوڙ ڇڪي مٿان وڌي. ڇنگهن ۾ سخت سور هو.

سوچيو هئم، جڏهن شام جو گهر پهچندس، ته شميءَ کي اوسيڙي ۾ ڏسندس. سندس دل رکڻ لاءِ ٿورو کلندس ۽ پوءِ سڄي ڏينهن جي سفر ۽ انجي ٺڪ جو بيان اهڙن اثرائتن اکرن ۾ ڪندس، جو شميءَ جي اندر ۾ ڪي قدر موهه وڌي وڃي. ۽ جڏهن هوءَ پنهنجا نٽيڙا، نازڪ ۽ نرم هٿ منهنجي سور ڪندڙ ڇنگهن تي رکي زور ڏيندي، ته منڙي ڇُهاءَ تي سڄي ڏينهن جو ٿڪ ٿي ٿٺي پوندو.

پر پلو ٿيو موٽر سائيڪل جو، جنهنکي جهنگ ۾ خراب ٿيڻو هو. ڪيتري نه تڪليف ڪاٽڻي پئي اٿم. پورا ڇهه ميل ڪيس گهليندو اچي هن ڳوٺ ۾ پهتس. اف.... هي ڇيلهه ۾ سور، شايد ان ڪري پيو اٿم، جو موٽر سائيڪل کي گهلڻ وقت ڪجهه ڪُٻو ٿيڻو ٿي پيو. ڪرنگهي مان ته ڄڻ ٽائون ٿيون اڀرن. پاسو بدلايم ائين ڪرڻ سان سمجهان ٿو، سڄي سمهڻ کان پاسيري سمهڻ ۾ ٿڪ جو احساس گهٽجي ويندو.

رات جو ڳپل حصو گذري چڪو آهي. مان هاڻي ڪاڪي ڪريمداد جي باري ۾ سوچڻ لڳس. ڪيڏو نه سٺو ماڻهو آهي، نه ڄاڻ هئس نه سڃاڻ، هڪدم کٽي ڪرسي آڇائين. ڇڄي ته هن منهنجي ٺاٺ کي ڏسي ڪرسي آڇي هئي، پر ائين ڪونه هو. منهنجا ڪپڙا مٽيءَ ۽ گاڏيءَ جي تيل هارجڻ سبب بالڪل خراب ٿي ويا هئا. پوءِ شايد سٺي صورت ڏسي ائين ڪيو هجي، واه! مونکي ان ڳالهه تي کل ٿي اچي، 'ڄڻ ايڏو سهڻو آهيان.' جيڪڏهن ان وقت آئيني ۾ پاڻکي ڏسان ها، ته شايد ڊڄي وڃان ها، ڇاڪاڻ ته مُنهن جو گهڻو پاڱو سڙيل ڪاري موبل لڳڻ ڪري ڀوائتو ٿي ويو هو. مونکي تنهن جي خبر ٻه ته ڪانه ٿي پئي، ته خراب هٿ ڪي مُنهن

ڪي بہ لڳي ويا هئا. اها خبر تڏهن پئي هئي، جڏهن ڪاڪي صاحب ۽ پاڻي آڏي ڏنو هو.

منهنجي خيال ۾، ڪاڪي منهنجي آواز تي مونکي ايتري عزت ڏني. ها، ائين ئي سگهي ٿو. ڇالاءِ تہ مان ڳائيندو بہ آهيان نہ. منهنجي گلي ۾ قدرتي ميٺاج آهي. ٻڌڻ وارن تي جادوءَ جو اثر ڪندڙ آواز. بس هجي نہ هجي، هنگي منهنجو آواز وڻيو هوندو.

”ڪير آ، ساران جا پيءُ؟“ ڪنهن ٻڍيءَ عورت جو آواز ڪن تي پيم. نہ ٻڍي نہ هوندي، پر جوان بہ نہ هوندي. بس هوندي ٽيهن سالن ڪان مٿي.

”ويچارو پرديسي آ،“ ڪاڪي جو آواز ابريو.

”ڪاٿي جو وينل آ؟“ ساڳيو ئي آواز آ شايد. پر نہ، هن آواز ۾ ڪجهہ سُر آهن، ڪي مٺڙ سُر.

”پَٽَ، شهر ۾.“ ڪاڪي جي جواب منهنجي خيال جي تصديق ڪئي. پڪ ئي پڪ ساران سندس ڌي آهي.

”شهر هتان ٿيندو ويجهو، پوءِ پرديسي ڪيئن، هان ابا؟“

ساڳيو سريلو آواز، لهجي ۾ هلڪي مرڪ، ڇڻ ڪا طنز، پيءُ جي خيال تي يا منهنجي پرديسي هجڻ تي. مان حيران ٿي سوچيان ٿو. هنجو آواز منهنجي ڪنن ۾ گونججي رهيو آهي.

”ها پَٽَ، پر اسان ماڻهو گهر ڪان پري هوندا آهيون تہ پرديسي ئي سڏبا آهيون،“ ڪاڪي منهنجي پنيرائي ڪئي.

”ڇا ڪندو آ، ساران جا پيءُ؟“

”آفيسر آ، ڪنهن ڪمپنيءَ جو.“

”شادي پادي ٿيل هوندس.“ هن جملي تي منهنجا ڪن وڌيڪ سُرلا ٿي ويا. مونکي خبر آهي تہ ڪاڪي مونکان اهڙو ڪو بہ سوال ڪونہ ڪيو هو. مان ٻڌڻ ٿو چاهيان ڪاڪي جو جواب. منهنجي اندر ۾ اڻ تڻ ۽ انتظار. ڪاڪو شايد سوچي ٿو، نہ تہ آواز اچڻ ۾ ايتري دير نہ ٿئي ها جيڪر.

”الائي....،“ ڪاڪي جو آواز ٻڌي منهنجي منهن تي مُرڪ

لڳي آئي. اِنڪري جو ڪاڪيءَ جو هڪ لفظ ٻه معنائون ٿو رکي. الائي معنيٰ ’نہ‘ ۽ الائي معنيٰ ’ها‘. ڪاڪيءَ جي گهر واريءَ شايد الائي منجهان ’نہ‘ جي معنيٰ ڪڍي هوندي ۽ شايد ساران بہ ائين چاهيندي هوندي ۽ ڪاڪي بہ ائين ئي سمجهيو هوندو. پر سو بہ تڏهن، جڏهن ساران جوان هوندي. جي اجا ننڍي هوندي، تہ هُن ائين ڪڏهن نہ سوچيو هوندو. شايد ڪٿي مڱيل هوندي، يا پنهنجن ۾ ڪا واه هوندن. اهڙي سوچ منهنجي مَن تي مونجهہ پيدا ڪئي. جيئن مان نہ چاهيندو هجان تہ ساران ڪٿي اٽڪيل هجي. ڇڻ منهنجو ساڻس ڪو پريت جو ناتو هجي يا ڇڻ منهنجي پنهنجي هجي. مونکي ائين سوچڻ نہ گهرجي. ساران ضرور جوان هوندي، تڏهن ئي تہ هنجي آواز ۾ ڪيءَ سُرَ رچيل آهن، ڪي نغما لڪل آهن، جيڪي ڳالهائڻ وقت سندس ڳلي مان ترندا ۽ ترڪندا ٿا نڪرن. هاڻي ڇڻ منهنجي مَنَ ڪي ڪجهہ آٿت ملي.

”نالو ڇا اٿس؟“ آواز منهنجي مَنَ ۾ لهي ويو. دل چوي ٿي، هيءُ آواز مونکي مخاطب هجي ها، تہ مان منهن تي هڪ پيار ڀريو تاثر آڻي ائين جواب ڏيان ها، جيئن ڪنهن راڳ جي مصرع جا سهڻا ٻول ڳائيندو هجان.

”شير علي.“ ڪاڪيءَ نالي ڪڍڻ ۾ ڪو اثر پيدا ڪونہ ڪيو. مونکي ڇڻ پنهنجي شخصيت گهٽ گهٽ ٿيندي پئي لڳي- رکو نالو ورتو اٿائين، ائين نيڪ نہ ٿيو.

هڪ پاسي سمهڻ سبب ٻانهن ۾ سور ٿو محسوس ڪريان، پاسو بدلايان ٿو، کٽ چيڪات ڪري ٿي. مان پنهنجو ڏيان بدلائڻ نٿو چاهيان، پر ڪجهہ ٻڌڻ ٿو چاهيان- ڪجهہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. الائي ڇو دل چوي ٿي سڄي رات اهڙيون مٺڙيون ڳالهيون هلنديون رهن ۽ مان ٻڌندو رهان.

ڪجهہ دير گذري وئي، ٻوءِ بہ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. شايد ڪاڪي جن سمهي رهيا. هن طرف پاسو اجايو بدلايو اٿم. هن پاسي سمهڻ تي تہ ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. ائين ٿيڻ تہ نہ گهرجي. مان وري پاسو بدلايان ٿو ۽ ساڳي پاسي سمهان ٿو. کٽ وري

چيڪات ڪري ٿي. منهنجو سڄو ڌيان ڪاڪي جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ماندو آهي. ڇو، ڪاڪي چپ ڇو ڪئي! ساران يا سندس ماءُ جو آواز ڇو ڪونه ٿو اچي؟

دروازي وٽ کڙڪو ٿيو. مان اونده ۾ اکيون کولي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، پر ڪجهه ڏسڻ ۾ نٿو اچي. دل ڌڪ ڌڪ ڪري ٿي، لڳي ٿو ڄڻ ساران پئي اچي. من چوي ٿو: ساران ضرور ايندي، پر هٿ ته ڪو ڏيئو به نٿو پري. ساران کي ڪيئن ڏسي سگهندس. سگريٽ به ڪونه پيئندو آهيان، نه ته ماچيس هجڻ سبب اهو مسئلو به حل ٿي وڃي ها. افسوس، ساران جي اچڻ ڪانپوءِ به ڪا روشني نه ٿي سگهندي. کڙڪو وري ٿيو آهي. پڇان ٿو، ”ڪير آهي؟“

”ابا ننڊ نٿي اچئي ڇا؟“ آواز ڪاڪي جو آهي، جيڪو دروازي وٽان پيو اچي.

”نه ڪاڪا،“ مان هرو ڀرو به ’نه‘ چوان ٿو.

آواز- ڪاڪو ڄڻ ويجهو اچي ٿو. روشني ٿي. ڪاڪي ماچيس جي تيلي ٻاري، ڏسان ٿو ڪاڪو ڏيئي ڏانهن وڌي ٿو وڃي. ڏيئي ٻارڻ لاءِ ٻي تيلي ٿو ٻاري. مٽيءَ جي ننڍڙي لانديءَ ۾ ڪجهه روشني ٿئي ٿي. ڪاڪو وڌي اچي، موڙو ڇڪي، منهنجي کٽ جي پرسان موڙي تي ويهي ٿو. مونکي هنجو ويهڻ سٺو نٿو لڳي. سوچيان ٿو، ڪاڪو وڃي جيڪر گهر سمهي ۽ جڏهن ڪيس ننڊ اچي وڃي، ته گهڙيءَ ڪانپوءِ در کي هلڪي آواز ۾ کڙڪائي ۽ چپ چاپ ڪو اندر گهڙي اچي، ۽ مونکي تڏهن پتو پوي، جڏهن ڪو منهنجي کٽ تي هجي ۽ مان سندس جسم جي گرمائش تي چرڪجي ٻوان ۽ تڏهن ڪو منهنجي وات تي پنهنجو نازڪ نرم ۽ گرم هٿ رکي، ته جيئن مان گهٻرائجي رڙ نه ڪري وجهان. پر هي ڪاڪو ته موڙي تي ٽيڪ ڏيو ويٺو آهي.

”غريباڻو حال آ ابا....،“ ڪاڪي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

مان سوچيان ٿو، ’جيڪڏهن ڪيس ڪو سٺو جواب ٿو ڏيان، ته ڪاڪو ويهي رهندو ۽ موضوع وڌي شيطان جي آنڊي جيڏو ٿي

تي انڪساري. مونکي سٺو وجهه مليو آهي.

”نه ڪاڪا، مان اڄ توهانجو مهمان آهيان، منهنجي ڪري ئي ٻڌايو.“

”اڙي ابا، لک ٻڌايانءِ ها، پر سچ پڇين ته راڳ اسان کان وسري ويا آهن.“

”ڪو هڪ ته ياد هوندوَ،“ لهجي ۾ ڪجهه ضد ظاهر ڪريان ٿو.

”ائين ئي ڪا هڪ اڌ سٽ ياد هوندي.“

”ها اهائي ٻڌايو،“ مان ڪٽ تي سڌو ٿي ويٺس.

ڪاڪو ڪنڌ ڪيائي نه سگهيو، اکيون بند ڪري، هٿ اکين تي گهمائي، ڄڻ ڪجهه ياد ٿو ڪري.

”ها....،“ ڪاڪي هٿ گوڏن تي رکي جهونگارڻ شروع ڪيو. ”ڪانگل اڏري آءُ....

او... اڏري آءُ تون ڪانگل... الا...“ چپ ٿو ڪري، شايد ياد ڪونه اٿس.

”هي ڪلام مان تڏهن چوندو هوس، جڏهن اجا شادي ڪانه ٿي هئي، تن ڏينهن ۾ مان ٻڪريون چارڻ ويندو هوس. پوءِ اتي جهنگ ۾ وڻ هيٺان ويهي اهو راڳ آلاپيندو هوس.“

”ها ٻڌايو نه،“ مون پنهنجائپ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”او عشق تمام... الا بره تمام ووءِ...

مٺن لوني يار لوڪو

سيج سٺي نون جهپ نه آوي

نيٽين نند حرام الا نيٽين نند حرام ووءِ...

راتيان جاڳڻ، صاحب سنڀالڻ هو الا...

اي فقيران دا ڪام، الا فقيران دا ڪام ووءِ...

مت عقل دي او مت عقل دي منجهه گئي....

آيا عشق امام.... الا آيا عشق امام ووءِ

عشق تمام، بره تمام، مٺن لوني يار لوڪو....“

”ڪاڪا،“ مان ڳالهايان ٿو، ڇو جو ڪلام پورو ٿي ويو

آهي. ڪاڪيءَ جون اڪيون اجا بہ بند آهن، ڪاڪو اکيون کولي ٿو، چوي ٿو:

”جيءُ ابا.“

”ائين ٿو لڳي، ڪي راز آهن، ڪي يادون آهن، جيڪي ان راڳ ۾ سمايل آهن.“

ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڇيڙين پٽ. اهو ڪلام جڏهن ساران جي ماءُ ٻڌندي هئي، تہ ٻوڙندي اچي مونوٽ پهچندي هئي. منهنجي سائس شادي ڪرڻ جو وڏو سبب بہ پيار هو. هوءَ مون تي جان ورائيندي هئي. ڪلام ڳائي هنڪي گهرائڻ ۾ مونکي پاڻتي ناز هوندو هو. ڳوٺ وارا اسانکي حسد جي نظرن سان ڏسندا هئا، پر جيت اسانجي پيار جي ٿي. اسانجو پيار تہ سچو هيو نہ.“

ڪاڪو ماضيءَ جون ڳالهيون بيان ڪندي جذباتي ٿيندو پئي ويو ۽ مونکي سخت مونجهہ محسوس ٿيڻ لڳي. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي جو پڇيائين مونکان ۽ ڳائڻ ويٺو پاڻ. مون سمجهيو ٿي، پاڻ نہ ڳائيندو ۽ منهنجي ڳائڻ لاءِ ضد ڪندو، مان سندس مرضيءَ رکڻ خاطر ڳايان ها ۽ هڪ پيو بہ فائدو هو ان مان، سو اهو، تہ ساران لاءِ ڪو نياپو بہ ڇڏيان ها، جنهن ۾ کيس ائين ٻڌايان ها، تہ رات مان تنهنجي انتظار ۾ تارا ڳڻيندس. تنهنجي لاءِ مان هت پهتو آهيان، يا اهڙا ئي ڪي سنا شاعرانا، عاشقانا پيارا ٻول آلاپي، ساران جو ڏيان ڇڪايان ها، پر هت تہ قصو ئي ٻيو ٿي پيو.

ڪاڪي وري ڪي سُرَ شروع ڪيا، اهي سُرَ انڪري ننا وٺن، جو منهنجي اندر ۾ آڳ پڙڪي رهي آهي. ڪاڪي کي بس ڪرڻ گهرجي. هاڻي گهڻو ٿيو، ڪجهہ تہ مهمان جو بہ خيال ڪرڻ گهرجيس. پر ها، سچ، مون تہ سندس دکيل رڳ تي هٿ رکيو آهي. مون ئي تہ کيس ڇيڙيو آهي. ۽ هاڻي جڏهن هو پوريءَ طرح اوج تي آيو آهي، تہ مونکي هنجا بي سُرا راڳ بہ ٻڌڻ گهرجن.

ڪاڪو ڳائي ٿو. سُر مومل راڻي جا ڪي بيت، سُرن ۾ ايترو ميناج ڪونهيس. آلاپن ۾ بہ مومل جي ورلاپ ۽ سوز بظاهر محسوس ننو ٿئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ اها آهي، جو شاه سائين جا بيت

ﺑﻪ ﭘﻮريءَ طرح ٿو اُچاري. ھو ڳائي ٿو، مان ٻڌان ٿو، زباني واه واه ڪريان ٿو ۔ سوچيان ﺑﻪ ٿو: شاه جي بيتن جا لفظ صحيح اچارڻ ﺑﻪ تمام ڏکي ڳالھ آھي، ھي ڪاڪو آھي بي سُري آواز ۾ غلط لفظ آلاپي ﺑﻪ ساران جي ماءُ کي گھرائڻ ۾ ناز ڪندو ھو، مان جڏھن ﺗﻪ پڙھيل لکيل ﺑﻪ آھيان. شاھ سائينءَ جي بيتن جا لفظ صحيح طور تي پڙھي ۽ ڳائڻ ۾ مفھوم ظاھر ڪرڻ وارن سُرن ۾ ڳائي سگھان ٿو، ﺗﻪ ڇا ساران مون وٽ ڇڪجي ڪين ايندي. ناممڪن ﺑﻪ ٿي سگھي ٿو، ڇا لاءِ ﺗﻪ ساران پڙھيل ﺗﻪ ﻧﻪ ھوندي، جو شاه جي بيتن کي منھنجي اندر جا اڌما سمجھندي. بس، ھوءَ ﺗﻪ اھو ئي سوچيندي، 'ھي ﺗﻪ شاه لطيف جا ڏوھيڙا ٿو ڳائي.' پر ماڻس ڪھڙي پڙھيل ھوندي، اھا ﺑﻪ ﺗﻪ تھڙي ئي اڻ پڙھيل ھوندي ۔ تنھنکي ﺑﻪ شاه لطيف جي ڪھڙي خبر. شايد خبر ھجين ﺑﻪ. ڪيئن ﺑﻪ ھجي، مونکي ڪو ٻئي ڪنھن شاعر جو ڪلام ڳائڻ گھرجي. جنھن ۾ منھنجي من جي منتا کي ساران بخوبي سمجھي سگھي ۽ دل ۾ چوي: 'ڪيڏو ﻧﻪ ڏکويل آھي وِيچارو.' ۽ جڏھن ھوءَ ائين سوچيندي، تڏھن پڪ ئي پڪ ڪيس ننڊ ﺑﻪ ڪانہ ايندي. پاسا پئي ورائيندي، پيءُ ۽ ماءُ جي سمھڻ جو انتظار ڪندي. ڇو جو ھنکي خبر آھي ﺗﻪ ھنجي ماءُ ﺑﻪ سندس پيءُ جي آواز تي ڇڪجي ويندي ھئي. پر شايد ھوءَ ائين ﻧﻪ سوچيندي ، ھنکي ﺗﻪ منھنجي اندر جو آواز اُداس ڪري ڇڏيندو ، بيقرار بڻائي ڇڏيندس ، منھنجي آواز مان ٻُرندڙ ھڪ ھڪ ٻول.

ڪاڪو چپ ٿو ڪري. پويون لفظ مون ٻڌو، پر سمجھو ڪونھي. مان پنھنجن پورن ۾ ھوس، جيڪو ڪاڪي تي ظاھر ڪرڻ ﻧﻪ ڏنم. ڪنڌ لوڏائي چوان ٿو، "واه واه ڪاڪا، تعريف جا ڪي لفظ ئي نٿا ملن." ھونئن ﺑﻪ اھڙي بي سُري راڳ لاءِ تعريف ۾ ڪھڙا لفظ چوندجن. بھتر ائين ھو ﺗﻪ رسمي، ڪجھ چئي خوش ڪريان. سمجھان ٿو ڪاڪو خوش ٿي ويو، پر ڊپ ھو، خوشيءَ ۾ ڪاڪو ڪو پيو راڳ ﻧﻪ ٻڌائي ويھي.

"پٽ چڱو، ھاڻي تون ﺑﻪ ننڊ ڪر." ڪاڪو اٿڻ جي ٿو ڪري.

'عجيب آهي،' مان سوچيان ٿو، 'چريو آهي، خبر ڪانه ٿي پويس. موضوع ڇا هو، ڪيائين ڇا! ڳائڻو ڪنهنکي هو ۽ ڳايو ڪنهن! گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته چوي ها. پاڻ تي چڙ ٿي لڳي. منڊ ۾ جيڪر انڪار ڪريانس ها، هيڏو وقت ته وڃائڻو نه پوي ها. الائي ڪهڙا هلڪڙا شعر، بچڙي آواز ۾ ڳائي تنگ ڪيو اٿائين. مهمان نه هجانس ها ته جيڪر برو ڀلو چوانس ها، ڪوبلو ڪنهن جاءِ جو. مونکي ڳائڻ لاءِ نٿو چوي، ساران منهنجي آواز ٻڌڻ لاءِ الائي ڪيترا ساه روڪيا هوندا، الائي ڪيترا پاسا ورايا هوندائين. ها شايد ڪاڪي کي پنهنجي جواني ياد ٿي اچي، هجي نه هجي، تڏهن ئي ته مونکان ڪو ڪلام نه ٿو ٻڌڻ چاهي. شايد سمجهي ٿو، منهنجي آواز تي، سندس ڏيءَ ٻوڙندي اچي منهنجي ڪٽ تي پهچندي، جيئن هن پنهنجي راڳ بابت ٻڌائيندي پئي چيو. بس هنکي اهو ئي پئه بيٺو هوندو، پوءِ ڀلي نه ٻڌي. هنجي چوڻ يا نه چوڻ جو منهنجي صحت تي ڪو فرق نٿو پوي. مان اڌ رات جو اٿي، هلڪي آواز ۾ ڪي سُر جهونگاريندس، ڳائي ساران کي گهرائيندس. جيڪڏهن ڪاڪي کي جاڳ ٿي ۽ پڇيائين ته جواب ڏيندو مانس: 'ٻاڏکي ٿو وندرايان.' پوءِ شرم کان موٺوت ويهندو ته ڪونه ۽ رات گهڻي گذري وڃڻ سبب ساران کي مون وٽ اچڻ ۾ ڪا تڪليف به نه ٿيندي.

"ڪاڪا، هلو ٿا ڇا؟" ڪاڪي کي اٿندي ڏسي بي دليءَ سان چوان ٿو.

"ها ابا، تو جو ڪلام نه ٻڌايو،" ڪاڪي ويندي چيو. ۽ منهنجي دل ٿي چوي، ٻوڙي وڃي پانهن کان جهلي چوانس: 'خدا جا بندا، تو مونکي چيو ڪڏهن! هاڻي چيو ٿي، اچ ته ٻڌايانءِ، هڪ کان هزار ٿائين.' پر ائين ڪري نٿو سگهان، ٻوڙي ڪيس جهلي نٿو سگهان ۽ ائين چوڻ جي همت نٿو ساريان. چوان ته ڇا چوانس، سوچي نٿو سگهان ته ڇا جواب ڏيانس. چئي ٿو ويهان:

"توهان ويهو به ته سهي." ڪاڪي کي بيهندو ٿو ڏسان، ڏيئي جي پر ۾. ڏيئو هنجي اوٽ ۾ گم ٿي ويو، ڪاڪي جي ڪاري

ديو جيڏي پاڇي، لانديءَ کي اونده ۾ وکوڙي ڇڏيو. مان سوچيان ٿو: ڪاڪو آهي سنو ماڻهو، نه جيڪر ائين نه ته ڇوي ها. شايد اهو جملو ائين رسم نڀائڻ لاءِ چيو اٿائين ، نه ته جيڪر ڏيئي وٺان موتي نه اچي ها. مان جواب ڪان وڌ سندس ويجهي اچڻ جو خيال ڪريان ٿو. پر هو موتي ڪونه ٿو. وڏي ٿو وڃي دروازي ڏانهن. لڳي ٿو، منهنجو آواز چڻ ڪونه ٻڌو اٿائين. ڪيئن به هجي ، ڪاڪو آيو ڪنهن ڪم ساڻ هوندو. مڙئي واندي ويهڻ ڪان راڳ ٻڌائي هليو ويو، اهو به چڱو ٿيو. پر اها ڳالهه منهنجي لاءِ پهرولي تي بڻي، مان سمجهي نٿو سگهان ته ڪاڪو پاڳل آهي يا ڪا ٻي خرابي اٿس دماغ ۾.

ڪاڪو دروازي وٽ وڃي پهتو. هن نڪ سڻڪيو. شايد زڪام هجيس. نه، شايد ماضيءَ کي ياد ڪري روئي ويئو آهي، تڏهن نڪ ۾ به پاڻي اچي ويو هوندس. نه ته هيترو وقت مونسان ڳڌ هو ، اڳ ته اهڙيءَ طرح نڪ مان پاڻي ڪونه پئي آيس . مطلب ٿيو پڪ ئي پڪ رنو آهي. ڪاڪي کي الائي ڪهڙي ڳالهه تي روئڻ آيو؟ مان منڊ ڪان وٺي ٿيل ڳالهين تي سوچيان ٿو. سيني مان مونکي هڪ اها ئي نظر تي اچي، ته هن ماضي ياد ڪري ڪي ڪلام ڳايا ۽ انهن ئي نظارن ۾ ڪٿي غم جي لهر به لڳي هوندي ڪاڪي کي، جنهنکي ياد ڪندي ڳوڙها وهي آيا هوندس. ڪاڪو در ٽپي هليو ويو. منهنجي اندر ۾ اڻ تڻ. سمهان ٿو ساڄي پاسي تي، جيئن ٻڌي سگهان، ڪاڪي، سندس زال ۽ ڏيڻس ساران جا آواز. پر ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. مان انتظار ڪريان ٿو، پاسو بدلايان ٿو . ڪا گهڙي ساه منجهايان ٿو ، پر ڪو ڪڙ تيل نٿو نڪري. ساران يا سندس ماءُ پيءُ جو ڪو آواز نٿو ٻڌان .

هلڪو آواز- جيئن پاڻ ۾ ڪو آهستي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. ساران هوندي؟ نه، ساران جي ماءُ هوندي، مڙس سان ڳالهائيندي هوندي. ها، مڙسس جو به ڳرو آواز اڀريو آهي. لفظ ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. رڳو سُر، هلڪو ۽ نرم ، جيئن ڪا راز واري ڳالهه هلندي هجي. شايد منهنجي باري ۾ ٿا ڳالهائن. مان خوش ٿو ٿيان.

ساران لاءِ، مونکان وڌ ڪين پيو ڪير ملندو؟ نہ، ائين بہ ناهي. دنيا ۾ پيا بہ گهڻائي آهن مائيءَ جا لال. تڏهن بہ هن وقت تہ مان موجود آهيان. پين جي 'هجڻ' جو احساس هنن کي ڪهڙو هوندو.

هلڪي سُسپس اڃا جاري آهي. مونکي پڪ ٿي ٿئي تہ بس منهنجي ئي ڳالهہ ٿي هلي. مونکي ڪٿ تان اٿي سندن ويجهو وڃي ٻڌڻ گهرجي تہ ڇا ٿا ڳالهائين. مونکي انهيءَ خيال تي ڪجهہ کِل ٿي اچي. مان پلا ڇو اٿان ، جڏهن هنن مونکي قبول ڪيو آهي ، تہ پوءِ سندن نندڙين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ مان ڇو بيقرار ٿيان. پاڻيهي 'ها' يا 'نہ' جي خبر پئجي ويندي. دل کي ڌيرج ٿئو اچي ، چاهيان ٿو هاڻي هڪ هڪاڻي ٿئي. پر ويچاري شميءَ جو ڇا ٿيندو؟ جيڪا منهنجي انتظار ۾ ساري ساري رات جاڳندي آهي. هاڻي بہ هوءَ ويٺي منهنجي لاءِ سوچيندي هوندي، چوندي هوندي : 'ڪٿي رهي پيو هوندو.' ۽ ائين ئي شايد هنجي انتظار ۾ ڪو فرق اچي ويو هوندو. هاڻي هنکي بہ ننڊ ايندي هوندي . رات بہ تہ ڪافي گذري چڪي آهي، پر مونکي ننڊ ڇو نٿي اچي . مونکي ڇو ساران کي ڏسڻ جو اتاوو اونو ٿي پيو آهي. ساران منهنجي ڇا لڳي! مون سندس گهر ۾ ڪاڏو پيتو بہ آهي. مونکي تہ هنجي عزت ڪرڻ گهرجي. چوندا آهن، 'جنهن گهر جو کائجي، ان جي عزت نہ لٽائجي.' مونکي ائين سوچيندي چڙ دلجاءِ ٿي ٿي. 'ساران جو انتظار ڪرڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي.' پاڻکي سمجهائيندي بہ ائين ٿو سمجهان ، دل جي ڪنهن ڪنڊ مان رکي رکي اهو آواز ٿو اڀري: 'هوءَ ضرور ايندي ، هوءَ ضرور ايندي.'

منهن تي مُرڪ تري ٿي اچي. مان بہ ڪيڏو نہ ڀولو آهيان، پلا هوءَ ائين ڪيئن مونوٽ هلي ايندي ، جڏهن هنکي منهنجي ڪابہ خبر نہ آهي. خبر اٿس بہ تہ فقط ايتري، تہ مان پرديسي آهيان. اها بہ عجيب ڳالهہ چئبي ، هتان شهر وڌ ۾ وڌ چاليهہ ميل ڪن ٿيندو، پوءِ مان پرديسي ڪيئن ٿيس!

هلڪو کڙڪو ٿيو. مان ڪجهہ وقت سوچڻ ڇڏي ٿو ڏيان . سمجهيم، وري نہ ڪاڪو موتي آيو هجي ، پر نہ، کڙڪو دروازي

ڪاٺ جو نہ ھو. مون ڏيئي ڏانھن ڏٺو ، پرسان ئي ڪا ننڍي شيءِ چرندي نظر آئي. شايد ڪوئو ھجي. مونکي پڪ نٿي ٿئي، پاسو ورائي ڏسان ٿو، ڪٽ چيڪات ڪري ٿي. ٻلي ھئي، چاڪاڻ تہ ڪٽ جي آواز تي ھوءَ ڏيئي وٽان ٽپ ڏئي اونده ۾ گم ٿي وئي ، پر سندس ٽمڪندڙ اکيون اونداھيءَ ۾ بہ روشن پيون لڳن.

ڪاڪي جو ھلڪو، پڻ پڻ جو آواز اچا اچي ٿو. مونکي اھا ڳالھہ نٿي وڻي. جڻ ڪاڪو، ساران جي چوڪيداري ڪندو ھجي، ساران بہ شايد مون جيان ڪاڪي جي ننڊ ڪرڻ جو انتظار ڪندي ھوندي. دل چوي ٿي ، ساران ضرور ايندي ۽ جڏھن ھوءَ ايندي تڏھن ھنجي بدن جي نرم احساس تي منھنجا جذبا جاڳي پوندا. مان زور ڪري بہ پاڻکي ننڊ ۾ ستل ظاھر ڪندس، اھو ڏسڻ لاءِ تہ ھوءَ ڇا ڇا ڪرڻ ٿي چاھي. مونکي ننڊ ۾ ستل سمجھي ھوءَ منھنجي ٻانھن تي پنھنجو ٻڳھڙو ڪنڌ رکندي. ھنجو ساه منھنجي ڳلن تي ڪتڪتايون ڪندو. مان وري بہ ضبط کان ڪم وٺندس. ھوءَ منھنجي اھڙي رويي تي رسي نہ وڃي؟ ۽ جي ويندي تہ پيار جو پورو مزو نہ ملندو. جنھنڪري مان ڪنھن ٻھاني سان پاسو بدلائي پنھنجي ھڪ ڄنگھہ ھنجي سنھڙي چيلھہ تي ورائي رکندس ۽ پوءِ ھوءَ بہ ڪجھہ محسوس ڪندي ۽ پوءِ شايد ھوءَ ڪجھہ وڌيڪ ئي ڪرڻ چاھي ، پر شايد ڪجھہ ڪرڻ نہ بہ چاھي. نيٺ تہ عورت آھي. عورت جيڪڏھن اڳرائي نہ ڪندي آھي، تہ پوءِ ھوءَ منھنجي ڪٽ تائين اچڻ جي جرئت ڪيئن ڪندي!

مان ائين ڇو ٿو سوچيان، بس ھوءَ ايندي ۽ مان ان وقت ڪنھن طريقي سان سندس جسم جي ڇھاءَ کي مست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ڳالھائڻ لاءِ ڪنھن سٺي جنسي موضوع جي شروعات ڪندس. شروعات ڪھڙيءَ ريت ڪرڻ گھرجي؟ سوچيان ٿو، ائين چوندومانس: 'ڪير آھين؟' نہ ائين نيڪ نہ آھي. چوندومانس: 'ساران آھين؟' ائين چوڻ ۾ متان سمجھي تہ مان سندس نالي کان بہ واقف آھيان ۽ مرد جي ڪمزوري ظاھر ٿي پوي ۽ متان انجو ھڪ پيو نقصان بہ ٿئي. سو اھو تہ وقت گذارڻ لاءِ ھڪڙو موضوع بہ ختم ٿي ويندو. نالي پڇڻ جو موضوع بہ تہ ٻہ ٽھو

ٿئي ٿو. سمجهان ٿو، ٻلي آهي، ڪوئو ماريو هونديائين. پر نه، ٻلي ٿي ٿي سگهي. ساران هوندي، هوءَ مونسان ملڻ لاءِ آئي هوندي. اوچتو ذهن ۾ هڪڙو خيال اٿيو آهي. 'هٿ ڳوٺن ۾ ته ڪنهنکي پيار ڪندي ڏسي، جان ڪان ماريو ويندو آهي، عورت ۽ مرد کي گڏ مارڻ بعد انهن تي ڪارو ڪاريءَ جو عنوان ڏنو ويندو آهي.' ائين سوچي، منهنجي جسم مان ڇڻ سيسراٽ نڪري ٿا وڃن. اکين اڳيان ڇڻ ملڪالموت کي ٿو ڏسان، ڇڻ ڪيترائي ماڻهو، ڪهاڙيون ۽ لٺيون کڻي اچي مٿان بيٺا آهن. ساران منهنجي هنج ۾ آهي، ڪهاڙيون وسن ٿيون، مونتي ۽ ساران تي، لڳي ٿو مان ڳيا ڳيا ٿي ويو آهيان. جسم جي هر حصي مان درد جون لهرون ٿيون اڀرن. مان هڪدم پاسو ٿو بدلايان. دل جي ڌڪ ڌڪ گهٽجي ٿي. ڏيئي جي روشني گهٽ آهي. هلڪو ڪڙڪو جاري آهي. ڀڪ ئي ڀڪ اها ٻلي هوندي. جيڪر ساران هجي ها ته ڪڏهن جو، هوءَ منهنجي بستري ۾ هجي ها.

ڪڪڙ جي ٻانگ ٿو ٻڌايان، لڳي ٿو، صبح ٿيڻ وارو آهي. ايترو جلد صبح ڪيئن ٿي ويو. اڄا ته ساران به ڪونه آئي آهي. اڄا ته منهنجي اک به ڪانه لڳي آهي، صبح ٿيڻ ته نه گهرجي، مونکي ٽائيم ڏسڻ گهرجي. ٻانهن ۾ ٻڌل گهڙيءَ ۾ ڏسان ٿو، گهڙيءَ جا ڪانٽا نظر ڪين ٿا اچن. ڏيئي جي روشني هلڪي آهي، مونکي ڏيئي جي ويجهو وڃي ڏسڻ گهرجي، پر هتان اٿي ڪير؟ اهو به هڪ مسئلو ٿو لڳي. هنڌ مان نڪرڻ به ڇڻ جنگ تي وڃڻ برابر ٿو لڳي. ٺيڪ آ، صبح ٿي ويو هوندو. پر صبح ڇو ٿيو. اڄا ساران کي به اچڻو آهي. صبح جي ويل سٺي ٿيندي آهي. صبح جي منهن اونداهيءَ ۾ ئي ته وصال جو مزو آهي ۽ ڪاڪي کي به شايد انهيءَ وقت گهري ننڊ کڻي وئي هجي. بس هاڻي جاڻ آئي، اکين ٿئي ڏسجي، سخت انتظار ڪرايو آ ساران به. اچي ته ساڻس جهڳڙو ڪندس، چوندومانس: 'ايڏي دير لڳايئه.... ساري رات اکين ۾ ڪاٽي اٿم.' جواب ڏيندي: 'ڇا ڪريان، ابا جاڳي پيو، اڃهو هاڻي ننڊ آئي اٿس.' مونکي سندس جواب

اپريو هن وقت. مونکي سخت مونجهه محسوس ٿي ٿي. ڪاڪو نيٺ ڇو جاڳيو، هيءُ وقت آهي سندس اٿڻ جو. هنکي ته سج اُڀري اٿڻ گهربو هو، نيٺ ته پوڙهو آهي، اسان جوان ٿي سج اُڀرڻ ڪانپوءِ به مٿن سان اٿندا آهيون يا جڏهن بک جا خواب ڏسندا آهيون، ته تِپ ڏئي بستري تي ويهي چانهه گهرندا آهيون. 'چانهه آڻيو، مابدولت اٿيا آهن.'

جواب ۾ شميءَ جي هٿن ۾ چانهه جو گرم گرم ڪوپ ڀريل هوندو آهي. ڇڻ ڇوڻ جي دير هوندي آهي، ڇڻ حڪم لاءِ منتظر هوندي آهي، منهنجي شمي.

ڪاڪي جي پِڻ پِڻ، گڏو گڏ عورت جو به هلڪو آواز اچي ٿو، الائي ساران آهي يا سندس ماءُ. هاڻي ڀل ساران نه هجي، هن وقت ڇا ٿو ٿي سگهي، جڏهن جو سندس پي ئي جاڳي پيو آهي. هاڻي ڪهڙو رستو سلندو ساران کي مونڏانهن اچڻ جو، بس اٿيو معنيٰ رستا بند. مان پنهنجي جاءِ تي هٽيڪو، ته هوءَ پنهنجن ڪرسن کي ڪٽيندي. 'ويچاري.' مونکي مٿس ترس ٿو اچي ۽ ان سان گڏ ڪاڪي تي خار.

دروازي تي کڙڪو ٿيو. دروازو کليو، در مان صبح جي هلڪي نيري اچي روشنيءَ ۾ ڪاڪي جو وجود نظر اچي ٿو. هو مونڏانهن ٿو اچي. سوچيان ٿو ڳالهايانس يا نه. نٿو ڳالهايانس. منهنجي پيار ۾ رڪاوٽ وڌي اٿائين. سڄي رات ساران جي چوڪيداري ڪئي اٿائين، ڇو ڳالهايان اهڙي ماڻهوءَ سان. هو منهنجي مٿان اچي بيٺو، ڀلي بيٺو هجي.... ڏسان ته ڇا ٿو ڪري. اکيون بند ڪيم. جهڪي ٿو شايد، آواز ويجهو ٿو لڳي، چوي ٿو، "ابا جاڳين ٿو."

'ڪيئن خبر پيس؟ منهنجون اکيون ته بند آهن، اولياءُ ته نه آهي.' مان چوان ٿو، "هون.... ها.... ڪاڪا...." ڄڻ گهري ننڊ مان جاڳيو هجان. اکيون کوليم، ڏٺم، ڪاڪو ڏيئي جي پر ۾ بيٺو هو. 'الائي بيٺو ڇا ڪري ٿو؟' ڇنائي ڏٺم، سمجهه ۾ نٿو اچي. پٺي ڏيو بيٺو آهي. آخر ڇو؟ مونکي جاڳائي، پٺي ڏئي ڇو بيٺو آهي؟ ساران کي مونڏانهن ايندي ته ڪونه ڏٺو اٿائين! پڪ ئي پڪ اٿين

هوندو. شرم ايندو هوندس، مونسان اکين ملائڻ ۾. پر مون ته اڃا ساران کي ڏنو به ڪونهي . مان چاهيان ٿو ڪاڪي کي ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ڇڏيان ته: 'تو کي شرم ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، ساران مونڏانهن ڪونه آئي آهي. مون ته کيس ڏٺو به ڪونهي.' پر چئي نه ٿو سگهان. ڪاڪو ساڳيءَ حالت ۾ ٻيٺو رهيو. هو جهڪي ٿو. واه! هي ته نماز پيو پڙهي. مان به ڪيترو نه عجيب آهيان، هڪڙو ماڻهو بيٺو نماز پڙهي ۽ مان الائي ڇا منجهان ڇا ويٺو سمجهان.

مان ڪٽ تان اٿس، انڪري ته لوٽي ڳولهڻ جو هي سٺو وقت مليو هو. مان ڪاڪي جي نماز پڙهي ختم ڪرڻ جو انتظار نه ٿو ڪريان. هليو آيس ٻاهر، پٽر جي پير ۾ ئي لانڊي اڏيل هئي، ڇپر هيٺان ٻن ڪٽن تي اڃا ڪي به چٽا سٿل هئا، هڪ کٽ جي پاسي کان رٻڙ وارو چمپل پيو هو ۽ ٻيءَ کٽ جي پاسي ۾ چمڙي جو چمپل. پڪ سان رٻڙ جو چمپل ساران پائيندي هوندي، جڏهن جو هوءَ جوان آهي پوءِ پلا پراڻي قسم جو چمڙي جو چمپل کيس ڪيئن وڻندو. ها، هوءَ سندس ماءُ ستل آهي. مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي. مونکان لوٽو وسري ويو. دل چوي ٿي، رٻڙ جي چمپل واري کٽ وٽ وڃي، سوڙ مٿي ڪري ساران جو منهن ڏسي وٺان. نه، ڊڄان ٿو. پٺيان سندس پيءُ نه ڏسي وٺي، پرسان سندس ماءُ نه جاڳي پوي. ڪنڌ هيٺ ڪري، پاسيرين ديدن سان کٽ ڏانهن ڏسان ٿو، جيئن ڪاڪو اچي به، ته کيس لوٽي ڳولهڻ لاءِ چئي سگهان. ڪاڪو نه ٿو اچي، نه ئي ڪٽن تي ويڙهيل سيڙهيل ساران ۽ سندس ماءُ جي جسمن ۾ ڪو هلڪو لوڏو ٿو اچي. مان موٽيس. اندر آيس. ڪاڪو ويٺو هو گوڏا پيچي. چاڙ پوري ڪيائين نماز، مان انتظار ڪرڻ لڳس هنجو. ذهن تي ساڳيا خيال ايندا ۽ ويندا رهن ٿا.

ڪاڪو ساڄي پاسي ڪنڌ ورائي ٿو. وري کابي پاسي ڏسي ٿو. مونکي ڇڻ ڪوفت ٿي وٺي، گهٽ ۾ گهٽ مهمان لاءِ ڪو لوٽي پاڻيءَ جو بندوبست ڪري پوءِ نماز پڙهڻ گهربي هئي. يا ته مونکي اکير اٿاري نه ها، جي اٿاريو اٿائين ته.... ڇا ڇنجي ڪاڪي کي. هاڻي، هونئن ئي کيس الوداع ڪري هليو وينديس، پوءِ ڇا جي

لاءِ وينو پچارون ڪريان، ته واه واه ڪاڪا تنهنجي خدمت.

”ڇا گهرجئي پٽ؟“

’واه جو ماڻهو آهي. صبح جو اٿڻ سان پهريون ڪم ڪهڙو ڪبو آهي، تنو سمجهي. هيءَ عمر آندي اٿائين،‘ چوانس ٿو.”ڪاڪا، پاڻي گهرجي هٿ منهن ڌوئي، راهي ٿيندس پنهنجي سفر تي.“

”نه پٽ، ائين بس، نه نيرن نه پاڻي، نيراني هيانءِ هلبو ويندين.“ جواب وٺيم ٿو، متان ان بهاني سان ساران کي ڏسي وٺان. ’ڪاڪا بس نيرن جي تڪليف نه ڪر.‘ ڇڙو سوچيان ٿو چوانس ڪجهه به ٿو.

”رات ساران جي ماءُ، نيرن ۾ ٻسري ٿاهي ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو.“

’الائي مون لاءِ، الائي ڪاڪي لاءِ.‘ مان ڪوبه فيصلو نه ڪري سگهيس، مونتي ساران جي ماءُ ايتري مهربان ڇو ٿي سگهي. پر ممڪن آ، مان ڪيس ساران لاءِ پسند پيو هجان، ها، ائين ٿي سگهي ٿو. منهنجي دل ٽپا ڏئي ٿي، ڪنهن اڇاتل خوشيءَ ڪان.

ڪاڪو ويهي تنو. وڃي ٿو. جلد ئي ڪڙڪا ٿو ٻڌان ٿانون جا. شايد ڌوئن ٿا، نه ڌوئي رکيا هوندائون، هاڻي ڪم آڻڻ لاءِ اگيان رکندا هوندا. ٿانوَ ضرور ساران پنهنجي هٿن سان ڌوتا هوندا ۽ ڪٿي چلهه تي به ساران رکيا هوندا. هنجي هٿن جا نشان ٿالهيءَ تي ضرور هوندا. جنهن ۾ ٻسري هوندي، تنهن ٿالهيءَ تي به ساران جي آڱرين جا نشان ضرور هوندا. ٻسري به شايد ساران ئي ٿاهي موڪليندي. ٿانوَن جو ڪڙڪو اچا آيو پي، شايد ڪنهن اتو تي ڳوڻو، پڪ ئي پڪ ساران هوندي.

ڪاڪو آيو. سندس هٿ ۾ لوٽو هو، پاڻيءَ سان پريل. چيائين، ”جهنگ ڏي وڃڻو اٿئي ته اڳيئي آءُ.“

’هيتري روشنيءَ ۽ کليل ميدان ۾ اهڙو خيال ڪٿي ٿو اچي.‘ چوانس ٿو، ”نه ڪاڪا، بس هٿ منهن ٿو ڌئان.“

”اتي در وٽ ئي هٿ منهن ڌوءُ،“ پاڻ در ڏانهن وڌندي چوي ٿو.

”پر ڪاڪا،“ مان هڪان ٿو، انڪري جو در وٽان،

ڪانڊيرن جي ننڍڙي لوڙهي ڏنل لانڍيءَ ۾ ساران ۽ سندس ماءُ ڏيکاريون. مان نٿو چاهيان ته ڪاڪو مونکي واهيات سمجهي، مان پنهنجي شريف هجڻ جو ثبوت ٿو ڏيڻ چاهيان.

”اڙي ابا ڪهڙي ڳالهه آ.“ ڪاڪو منهنجي من جي مراد سمجهي ويو آهي. مونکي پڪ ٿي ٿئي، ته مان ڪين ساران لاءِ پسند پيو آهيان. ڪاڪو به پاڻ اهڙو وجهه ٿو ڏيڻ چاهي شايد، ته جيئن مان ساران کي ڏسي پسند ڪريان ۽ ساران جي ماءُ مونکي ڏسي ڏيءَ جي مستقبل تي ڳڻ ٿئي. خوشيءَ کان منهنجي دل جي رفتار وڌي وئي آهي. لوڻو ڪنيم. در ڏانهن وڌيس. در وٽ اچي ٻاهر نه ڏٺم، چاهيم به نه ڏسڻ، انڪري ته ساران جي ماءُ جيئن سمجهي، ته ’ڪيڏو نه اشراف ڇوڪرو آ.‘ مان ويٺس، هٿن تي پاڻي وجهي، منهن ڌوتم. لڳي ٿو ڪي اکيون مون ۾ ڪتل آهن، ڪنهنجون؟ پڪ سان چئي نٿو سگهان. ساران ته ضرور ڏسندي هوندي، لانڍيءَ جي لڪڙن، ڪانن ۽ پترن جي سنهن چيرن منجهان. پر شايد ساران نه ڏسندي هجي، ڇو جو هنن لاءِ سڱ ڏسڻ يا پنهنجي وَرَ کي ڏسڻ، گناه برابر هوندو آهي. پوءِ، ڪاڪي جي زال ته ضرور مونکي چٽائي ڏسندي هوندي.

مان اٿيس. ائين اڻ لکو ڏٺم. منهنجي سامهون ڪا ڇوڪري ويٺي هئي، ننڍي- ڪاري- ڪوجهي، مُنهن تي ماتا جا سنيئرا، ننڍو بندرو قد، شايد عمر ۾ به ننڍي آهي. بس جوان ٿيڻ واري آهي. مان ڪبس چٽائي تو ڏسان، هوءَ چيلهه تي هٿ رکي ويٺي هئي. مونڏانهن گهوري ڏسي رهي هئي.

مونکي سندس ڏسڻ برو ٿو لڳي. چيم، ”چاهي؟“

”جاڳيو آن ....؟“ هنجا هيڏا ڏند، مُنهن جي ڪاري رنگ ۾ چمڪن ٿا، شايد کلي ٿي. مونکي ڪراهت ٿي اچي. مونکي سندس وجود نٿو وڻي. مڪروه شڪل، بندري- ڪاري- ڪوجهي، دڙڪو ٿو ڏيانس.

”هل ڇوري چانهي ڏسين؟“

”اڙي ساران، چا ٿي ڪرين، مهمان کي ويٺي چا ٿي ڏسين؟“

اندران لانديءَ مان آواز آيو. شايد ڪاڪي جي زال هئي. چيلهه تي هٿ رکي ڏسڻ واري ساران، پنتي ٻوڙي ۽ لانديءَ ۾ گهڙي وئي ۽ منهنجي هٿ مان خالي لوٽو ڪري پيو.

---

!

جميعت علماء اسلام جي جنرل سيڪريٽري مولانا مفتي محمود چيو آهي ته: 'اسانجي حڪومت تي ته اسين ماڻهن کي ڏنڊا هڻي نمازون پڙهائيندا سين.' (هڪ پراڻي اخباري خبر)

مفتي صاحب، هاڻ سرحد ۾ اوهانجي حڪومت آهي. اوهين ماڻهن کي ڏنڊا هڻي نمازون پڙهائي سگهو ٿا. پر اهو به ياد رکجو، ته اهي سيئي ڏنڊي کائيندڙ، بنا وضوءَ جي نماز پڙهندا. ۽ پوءِ اهو سڄو گناهه اوهانجي ڳچيءَ پوندو.

!

صدر يحيٰ، ۲۱- مئي تي ڪوئيٽا ۾ تقرير ڪندي چيو ته: 'يحيٰ خان اوڀر بينگال ۾ جيڪو ملٽري ايڪشن ڪنيو، اهو بنهه غلط هو، مان انهيءَ جي خلاف هوس ۽ ڍاڪا مان واپس اچڻ تي مون انهيءَ ايڪشن جي مخالفت ڪئي هئي.'

ڀٽو صاحب، اوهان صدر يحيٰ کي ڇا چيو، ڇا نه چيو، انهيءَ جي ڇاڻ ته اوهانکي. پر ڍاڪا مان اچي، ڪراچي ايئرپورٽ تي اوهان چيو هو: 'خدا جو شڪر آهي پاڪستان بچي ويو.'

!

سنڌ جي سينئر مشير (هاڻ گورنر) مير رسول بخش خان ٽالپر چيني ٽيبل ٽينس جي رانديگرن کي ڏنل دعوت ۾ 'اردوءَ' ۾ تقرير ڪندي چيو ته: 'اها اهڙي راند آهي، جيڪو ڏسي، اهو جوان ٿيو وڃي.' (ڪراچي 'ٽي- وي')

سائين مير صاحب، اوهانجي جواني جي راز جو هاڻ پتو پيو. پر سائين، چيني رانديگر ته اردو سمجهي نه سگهيا هوندا؟

!

حيدرآباد پهچڻ تي، سنڌ جي گورنر ميررسول بخش خان ٽالپر جوشاندار استقبال ۽ ٻه ميل ڊگهو جلوس نڪتو.

("مشرق" اخبار ٢٩- مئي، ١٩٧٢)

■ اهو شاندار جلوس اسان به ڏٺو هو، انهيءَ جلوس ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان ۴ اُٺ- گاڏيون (جن تي ٻار سوار هئا) ١٦ ٽانگا، ١٢ مني ٽيڪسيون، ۴ ٽرڪ، ٢٢ گهوڙا، هڪڙو خاڪسارن جو دستو ۽ هڪ بينڊ هئي. انهن سڀني جي هڪ ٻئي پٺيان بيهڻ سان ٻه جلوس ٻن ميلن جو ٿي نٿو سگهي. ها، البت هن جلوس ۾ آٺ- نو- سو ماڻهو به هئا، تنکي جيڪڏهن هڪ ٻئي جي پٺيان قطار ۾ بيهارجي ها، ته پوءِ شايد جلوس ٻه ميل ڊگهو ٿي پوي ها.

---

حيدرآباد ۾ سنڌي ڪتابن جو سڀ کان وڏو مرڪز

ادبيات

سنڌيونيورسٽيءَ جي **سنڌالاجي** ڊپارٽمينٽ جي ڪتابن جو سول ايجنٽ.

تنهنکان علاوه **سنڌي ادبي بورڊ، سهڻي پبليڪيشن،**

**اداره ادب ذو،** ۽ سنڌ جي سمورن سنڌي ادارن جا ڪتل ڪتاب ۽ مخزنون

ادبيات

تان اوهين وٺي سگهو ٿا، يا خط لکي گهرائي سگهو ٿا.

**ادبيات**

اسپتال روڊ، حيدرآباد سنڌ

سر مومل راڻو (بيت ۽ وايون)
غــزل
نـظـم، دوها ـ غزل
وائي
گـيـت
غـزل
نـظـم
گـيـت
نـظـم
غزل، هائڪا
قطعا

# شـــعـــر

شيخ اياز
بشير موريائي
امداد حسيني
قمر شهباز
قيوم طراز
زيب ڀٽي
محسن عباسي
ملڪ نديم
خاڪي جويو
مير محمد پيرزادو
هدايت بلوچ

ڊاڪٽر شاعر پير بخش پياسي

شيخ اياز

# سُر مومل راڻو

آلا آڇڻ ويرَ، سڄڻ صديون لائيئن،
آءُ ڪنائي پهيرَ تولئہ تڪيان ڪيترو؟

ڏسُ ھي ڪيتيءَ راتڙي ينيرڪي پيڙڙي،
آلا ساهيڙڙي، سڄڻُ اَجُ نہ آئيو!

اَڏي اج بہ نہ آئيو سڄڻُ ڀنيءَ راتڙ،
جيڪُرھُن جي تاتڙ، تن مان آءُ تڙڙي ڪيان!

ڇا مان وسايان، روئي نيڻن ڏيئڙا؟
ڪنھن جي ڪرهي لاءِ مان ڪيسين ڪنايان(۱)،
هاڻي مان پايان، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪڙ تي.

ڪيڏي لنبي رات آ ڪيڏو اندوڪارُ!
ٽيڙوءَ ٽيڪو ناهہ ڪو اوندهہ آهہ اپارُ،
سامي سڄّ اُيارُ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪڙ تي.

ڪارا ڪڪر ڪاڪڙ تي باهر چارا چِڪّ،
ڪيڏو ڪارونيارُ آ، ڪيڏي تارن لِڪّ!
سهمي ويندي سِڪّ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪڙ تي.

---

(۱) ڪنايان - آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيان، ڪن ڏيان

هڙ جو مُنڊيءَ ڏِڪَ، تارو ڪاري مَنڍ ۾،
تنهن ۾ ڪَٿي آ اوچتو لڳِهہ (۱) هيئان لِڪَ،
سَهمي ويندي سِڪَ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪِ تي.

راڻا مونکي چَئن، موتائي ڏي ميندرا،
روئي تولئہ رَئن (۲)، ڪيسين ڪاتيان ڪاڪ ۾!

ڏيئا تيلُ قليلَ جا قوڪي وسايان،
توکي وارِي ميندرا آڻِ تَن اُجهايان،
وَرِي نہ لايان، ميٺي لَنوَ (۳) ليلاٽَ (۴) مان.

راڻا! او راڻا! سَڏَ وَرائين ڇو نہ تو؟
ڪِٿي آهين ميندرا پيِنگ تيا پاڻا؟
ڪَنول ڪوماڻا، پَونر پڄڻء ڇڏي ويا!

ڪِٿي آهين ميندرا؟ مون کي سَڏَ تہ ڏي!
وئين هيئن ڇڏي، کهڙي ڪارڻ ڪاڪِ ۾؟

توسان مُنهنجو ميندرا ڇو هيئن آنگُ آڙيو؟
هيئون ڏيئي وَتِ جئن ساري رات سَڙيو،
ڪنهن هيئن جيءُ جَڙيو، منهنجو توسان ڪاپڙي؟

ناتَرا! مون کي جَهل، مُنهنجي وَس نہ هينئڙو،
مَتان تي پاڳَل، ڪَيان رَ ڪَ رَتول (۵) کي!

---

(۱) لڳهہ - ڪڪر (۲) رَئن - رات (۳) لَنو - پيار
(۴) ليلاٽ - پيشاني، تقدير (۵) رتول - محل

ڏِس هءُ مون تي توکيلي لونيو لُڏاڻو،
سومل! سَچ پَچ ڪاڪِ تي ايندو نہ راڻو؟
هي جو ڪُماڻو، ڪَنول ٽڙندو ڪينڪي؟

آلا، رَتہ ڏئي، مون جوڙيو جنسار ڪي،
پو جو ڏنم ڪاڪِ کي ساري پيڙ وئي،
مٿان ماڪ پئي، رَتو رَنگ رَتول جو.

سومَل بيهر بارِ، سارا ڏيئا ڪاڪِ جا،
ڪيهي (١) ڪتن تان ڪاٺي لاهي هَندَ آجارِ،
هَئي! هاڻ نہ هارِ، نيٺ تہ ايندو مينڌرو.

تو ۾ ڪمي ڪاٺي هُن جو ڪهڙو ڏوهہ؟
مورَکِ! پنهنجو موهہ، جاچي ڏِسُ تون جيءَ ۾،

اڇڻو آهي اوچتو راڻـــو ڦُٽيءَ باکَ،
ساجُهر تنهنجي ساکَ، لُڏائي ۾ ليکبي.

پيڙا جـي هـر پورَ ۾ رَچي تـو راڻو،
سِيرَ جي سُياڻو، سدا ڪاريءَ رات ۾.

پيڙا جي هر پورَ ۾ هي جا ڪاڪ نهي،
ويندي ڪونہ ڊِهي، نيٺ تہ ايندو مينڌرو!

سومَل جيسين ناهہ ڪو تـو ۾ رُساڻو،
سَياڻي راڻــو، ڪَهي ايندو ڪاڪِ تي.

راڻـو ڪاڪ سواءِ، رهي رهندو ڪيترو؟
سومَل هءُ تـو لاءِ، اڄهو پيو پَنڌَ ۾.

---

(١) ڪيهہ - ڊَزَ، مٽي

سر ھومل راڻو (بيتَ ۽ وايون)
غـــزل
نـظـم، دوھا ـ غزل
وائـي
گـيـت
غـزل
نـظـم
گـيـت
نـظـم
غزل، ھائڪا
قطعا

# شـــعـــر

شيخ اياز
بشير موريائي
اِمداد حسيني
قمر شهباز
قيوم طراز
زيب پنهور
محسن عباسي
ملڪ نديم
خاڪي جويو
مير محمد پيرزادو
هدايت بلوچ

ننڍڙو شاعر پير بخش پياسي

ڪَرِهاچَندن(١) هيرئان لاٽو(٢) ڪونہ چَرن،
سوٽي ماڳِ وَرَن، وِهسي ساڳي واسَ تي.

ايندا، ايندا ڪاپڙي رَتو روءُ نہ تون،
ويهي واسِ چڱون، پيهر تيل ڦليل سان.

ايندا، ايندا ڪاپڙي لهندا ڏوريءَ ڏُکَ،
راڻو سَدا سُکَ، ڏُکن تورا ڏينهڙا.

مَيَن بنا ماڪَ، ڪَهڙي چَندنَ چوٽيئن (٣)!
ڻاتر! پڙت نہ تاڪِ، نيٺ تہ ايندا ڪاڪِ تي.

---

(١) چندن هيرئان - چندن تي هريل (٢) لاڏو - هڪ ٻوٽو
(٣) چندن چوٽئين - چندن وڻ جي چوٽين تي

شيخ اياز

# وائِـــون

ستاريون ڪاڪ برن،
تم تم، تم تم ڏيئڙا.
ليڪي وينا لامئين (١) پڪي منجهه پڙن.
لڏائي ۾ لونيون ستيون ساٿ ڪَرن.
مومل سوچي مازيئين (٢) ڪرها مان ورن.
چانگا چندن هيرئان پيوڪجهه ڪونه چرن.
تو بِن راتا راتِ جو ڏاهيون ڏنجهه (٣) ڏرن!

---

تڪيُن تنهنجي ڪاڻ،
آڏيءَ اگڻ ـ ڏيئڙا.
تو لئه وهسي واءُ ۾ سيرانديءَ سرهاڻ،
ساجن مون ڪي سيجَ تي چئن نه ڏي چانڊاڻ!
وَر وَر واجهائي ڏکو هيئون منهنجو هاڻ.
تون سپنو، تون ساهه ۾ نينڊ ڀري نيراڻ.
موٽ ڀِليءَ جي ياڻ وو، موٽ ڀليءَ جي ياڻ!

---

(١) لامئين ـ لامن ۾ (٢) مازيئين ـ مازين ۾
(٣) ڏنجهه ـ ڏک

راتِ ڪڙي آهي،
پَندُ پِرَهه ۾ ڪيترو!
اِجّهو وَڏِن آپّ مان ڪتبون ڪَرَ ساهِي،
پَندُ پِرَهه ۾ ڪيترو!
جاڳُ اچا ڪُجهه جيئڙا جَهپّ چڱي ناهي!
پَندُ پِرَهه ۾ ڪيترو!
ڏس هي ميٺيءَ ڏِيئڙو جوتِ بنا چاهي؟
پَندُ پِرَهه ۾ ڪيترو!
شالَ نه مَنان ميندرو ڪاڪِ ڪندي لاهي!
پَندُ پِرَهه ۾ ڪيترو!

## بشير موريائي

(نئين روپ جو غزل)

جا دل آهي،
غم سان آ پرپور اچــا ۽ ناڪامين کان چوُر اچــا.
گهائل آهي،
گوريءَ جي گهورن سان، سهسين سورن سان معمور اچا.
مائل آهــي،
موجِ هوا جان، ديدهٴ تــر ڪان، آهي پرمستور اچا.
منزل آهــي،
چشمِ تصور ۾ ئي سهي، آهي تہ سهي، گو دور اچــا.
شامل آهــي،
منهنجي صدا ۾، تنهنجي ادا ۾، پيغام منصور اچــا.

## اِمداد حسيني

### نظم

اماس رات ۾
چاسينگر (١) جي پويان
نندا ڪڙين اکڙين وارا
جيڪي نينگر نڪري ويا ها
سيئي نينگر
صبح سياڳي جي سواڳت لئي
اوندهہ جو هر گهيرو توڙي
هرڪا سرحد اُڪري ويا ها
دوکي جي ديوار اورانگهي
سورج ٻچي اُيري پيا ها

---

چاسينگر - تانڊائو، ڪڙ ڪُپيتو

# ميرانجهي لهر

لهر ڪناري لئي ٿي ٻوڙي
آيري آلري آيري
تون ڇا ٻه ڪرين ها ڇا ٻه ڪرين
ڪنهن حيلي ڪنهن ٻه ٻهاني سان
لهر نه روڪي سگهندين تون
(مٽ ۾ بند نه ٿيو پاڻي)
ڇو ته ڪنارا تنهنجي وس کان ٻاهر آهن !

مٽي مٽيءَ کي ٿي ڳولي
جنم جنم کان ڀٽڪي پيئي
آدجڳاد کان ڏهي نهي پئي
هاڻي ميرانجهي مٽيءَ مان
مون جا مورت ٺاهي آهي
سا سيني کان سندر آهي
( )

تون ڇا ٻه ڪرين ها ڇا ٻه ڪرين
آن کي ڪونه ڇُهي سگهندين تون
(دل ديول ۾ تنهنجو ڇا؟
ناسٽڪ جو مندر ۾ ڇا؟)
ڇو ته اها ميرانجهي مٽي تنهنجي وس کان ٻاهر آهي!

اِمداد حسيني

# دوها - غزل

چانڊوڪيءَ جي ساز تي، تارن ڳاتو گيت،
ٻنهي ڪنارن تي پڌو، لهريلو سنگيت.

مان ڀوناٽو نينگرو، آوارا رُولاڪ،
هيڏي ساري شهر ۾، ساٿي دوست نه ميت.

هيڪل هيڪل هاند آ، اُن ۾ تنهنجي هڪَ،
ڇاتيءَ ۾ ڪا چيت تي، چيڙي، سُر سنگيت.

تَن گُل مَن گُل او پرين، ڌُهرو آهي داءُ،
ٻوسٽ چڪو هَڙ ڪٽي، ٻنهي ڄڳَن ڪي جيت.

دونهين ۾ سگريٽ جي، ويڙهيل سيڙهيل آءُ،
تنهائيءَ جهڙو نه آ، ڪوئي ڪنهنجو ميت.

مَڪيل چڪيل آواز ۾، 'هڪڙو صاحبلوڪ'
چئي پيو اسٽيج تي، 'ايءَ نه مارُن ريت.'

ڪُنهنبي رَڌڙي گيتَ جو، او منهنجي منَ ميت،
هُري پيو تو هانوَ تي، مَڌُر مَڌُر سنگيت.

پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، هرڪو ماڻهو ديس،
پنهنجو پنهنجو ويس آ، پنهنجي پنهنجي ريت.

چانڊوڪيءَ ۾ پئي ٻُريو، چڻن چڻن جو گيت،
'پاڳل پنهنجي پيت ڙي، پاڳل پنهنجي پيت.'

قمر شهباز

# وائي

منهنجي دامن ۾ ٿو جهاتين، گهائن کي ڇا گهورينديَن،
ڀاڇولن جا ڀــــڙ پراڻا، پريتم ڪهڙا ڀُريندين ــ؟

ريت تہ ريتيءَ جي ڀت آهي، ڇاڻ ڀُري، ها ڇاڻ ڀُري،
پريت تہ آهي ورج ـ وراڪو، پل ـ ڪن ۾ آپـَ تي آيري ـ!

پير پٿون هر پانڌيئڙي جا،
منزل جو ڪو اير نہ پير.

وکَ وکَ تي واسينگ وراڪا، سمجهي رکجان پنهنجو پير؛
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

منهنجو جـــيءَ جـوالا آهـــي، واچوڙن سان منهنجو وير؛
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

سورت ڪـــي سمجهائڻ ڪهڙو، راهہ ٻنان سِرُ ڏيندو ڪير؛
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

جنهنجي وڻجي جڳ کان ڀيڻي، گهيرو سو ئي آهـــ گهير،
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

**قيوم طراز**

# يار ڇڏي ڏي

ڏُکڙا سُکڙا جيڪي گذريا،
بس يار ڇڏي ڏي.
ڪٿ سونهن هئي ڪٿ سيڪ هيا،
بس يارَ ڇڏي ڏي.

جيڪي گذريو سو وقت ويو،
۽ ان دانهڙيءَ سؤ سؤ سڏ سنا؛
هر بوجهه سهي مون نهيو ڪيو:
سڀ بيحد ڀاري بار هيا،
بس يار ڇڏي ڏي.

ڪنهن ۾ گذري ڪا ويلَ هئي،
سؤ سيڻ ٻٽيا سؤ يار رُنا؛
مون ٻاهر 'آف!' ئي ڪانہ ڪئي:
۽ ان ڏرتيءَ جهڙا ڀار هيا،
بس يار ڇڏي ڏي.

ڪنهن ٻُجهه ڏسي آبوجهه چيو،
ڪنهن سينو ڪولي سوُرَ ڏنا؛
ڪنهن 'جيءُ' چيو، ڪنهن 'ڦوٽ' ڪيو:
ڪي ٿورا هـا جي يار ٿيا،
بس يار ڇڏي ڏي.

ڪڏهين تہ نيڻن نيرُ ڇُلايو،
ساوڻ جا ڇڻ مينهن وَنا؛
ٻهاڻ ئي پاڻ ڪي پٽي ٻيرٻايو:
ڏک جا ساٿي ڪير هيا،
بس يار ڇڏي ڏي.

دل کـــي آتت آيـــو جـڏهين ،
ڪنديءَ تـــي پيلا گُل ڏنـــا ؛
ڪا آڻ ڏنـــي اُميـد هئي يـَـر :
مـــون جهڙا پــرَ جيئندا رهيا —
بس يار ڇڏي ڏي.

## زيب پنهور

مور مري ويا سڀ، ڪانءَ به پنهنجي چال سڌاري،
هـيءَ دنيا کيل تماشو، ماڻهو جـــڻ آهي مداري.

ڪنهن وٽ دل جي دولت، ڪنهن وٽ گهائن گهاري،
ڪنهن وٽ ڏن ڏوڪجي، ڪنهن وٽ ساعت آهي اُڌاري.

ڪنهنجو وقت ويـراڳـي، ڪنهنجي مهل موچاري،
ڪنهنجي مُڪـت مٺي تي، ڪنهنجي سِر آهي تغاري.

ڪنهنجو جيون جنت، ڪنهنجي دل دوزخ ســاري،
ڪنهن وٽ وڃن نفرت نغارا، ڪنهن وٽ ڏن آهي پياري.

ڪنهن ٿي روح ريجهايا، ڪنهنجي حياتي سڙن واري،
ڪنهنجي عمر به عيش، ڪنهن روئي رات آهي گذاري.

ڪنهنجو زيب لٽيو ۽ ڪنهن ٿي ڪئي توبنهه زاري،
ڪنهنجي هير هنجن ۾، ڪنهنجو ڦٽو تخت آهي هزاري.

مور مري ويا سڀ ، ڪانءَ به پنهنجي چـال سڌاري ،
هـــي دنيا کيل تماشو ، ماڻهو جـــڻ آهـــي مداري.

محسن عباسي

# ذرا اَچ تہ اوري، او بچڙا زمانا

وڏا ڏند تيزي، پري ڪان ڪلين ٿو،
سنديون بي وَسيءَ تي!
ذرا اچ تہ اوري، او بچڙا زمانا!
تون سمجهين ٿو؛
تنهنجي خدائيءَ ۾ رهندي،
وٺ، سڀ وڪالت ۾ ٻولن ٻڌا ٻانها آهيون؟
تون چاهين ٿو؛
تنهنجي اڳيان ڳاٽ اوچو ڪري ڪين ڪوئي؛
نہ تو سان نظر ڪو ملائي،
نہ ڪو سينو ساهي!
مگر ٻڌ!
فقط تنهنجي حدن اورانگهڻ جي خاطر،
اهي سانگ سڀ ٿا سهون !
اسانجي نظر ۾،
سواء تنهنجي،
آهن پيا ڪيترائي ڪي ايندڙ زمانا.
سنديون مرحبا لاء،
جي ڳائين پيا، سَوَ خوشيءَ جا ترانا !
ستائيندي چا تون.
اڙي او زنانا زمانا!
اسين مرد مانجهي!
اسين مڙس اڻ موٽ، اڻ ڳڻس، يگانا
ڏکن ۾ سکن جا،
نشيب و فرازن جا هيراڪ آهيون!
اسان جي نظر....؟
ڪنهن شهبازي اک جي نظر!
فقط منزلن جا منارا ئي آهن،
اسانجي نظر جا نشانا!

ملڪ نديم

# گيت

سنڌي پنهنجو وطن،
پڌو سِرَ سان ڪفن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

راه آئـــي ڏُکي،
پونء آهـــي ٻُکي؛
ائين تئي نـہ الا:
تبون راه ۾ دفن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

تاڻيو لــوهــا سينا،
لڳن ســـال مهينا؛
ٿيندي نيٺ ختم:
هـــي راه ڪٺن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

هن پيري گهُري،
ديس رت ڦـُـڙي؛
ڦــڙو ڦڙو ڪري:
رنگيون سارو چمن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

جـــو بيٺو ڪـُـٺو،
چڙ ديس رنـّــو؛
اسين دنـيــا ڪٺي:
جـــي پرتو وطن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

راه ڪٺن وئـــي،
منزل مرڪي پئي؛
مانجهي مرڪي وڌو:
باقي ٿــورو جتن— ساٿي هلندا هلوڙي هلندا هلو.

# ويٽنام شمشان!

هي آدم جو اولاد انسان آهي،
يا وحشي درندو ۽ حيوان آهي؟

ڪري روز ڦهري ڪميٽپ جون ڪاهون،
وسائي بمن ڪي ٿو بستين مٿاهون،
ڪٿي هر وسنهن جنهن تہ ويران آهي.

ٻڌا ٻار ريهون ڪري اڄ رُئن ٿا،
اکيون آسمان ڏي ڪٿي سي ڏسن ٿا،
خُدايا! دُنيا ڇو پريشان آهي؟

هي بارود خانن جون سِرنگهون وڇائي،
ڌماڪن سان ڌرتي ڇڏي ٿو ڏُڏائي،
ڪيڙي ڏنّد لاشن تي شادان آهي!

جتي بمّ بارود گولا وسّن ٿا،
آتان باهين جا تہ شعلا اُٿن ٿا،
ويٽنام ساروئي شمشان آهي!

ويون ڪيتريون عمريون يار گذري،
خُدا ڪان بہ انسانُ، سگهيو نہ سڌري!
انهيءَ جو تہ 'خاڪيءَ' کي خفتان آهي.

هدايت بلوچ

# قطعا

پٽ ڏٺي تنهنجي وطن ۾ ڪالهه جي آيا لنگهي،
گهر جلائيندا رهيا تہ بہ جيءُ ۾ جاليندا رهيا،
سنڌ جي جوڳين جيان پيا سر ڦريا ڪاٽي سڄڻ،
ڏنگ ڪائيندا رهيا تہ بہ نانگ پاليندا رهيا.

شير جا پٽ وري جا ڳيا هن،
اڪ پٽي ڏس تہ اهي سا ڳيا هن،
چور محفل مان ڀڄي ويا شايد،
دوستو هي تہ سپئي پيا ڳيا هن.

پل ستائي وٺ مگر ائين نہ سمجهہ،
آه منهنجي عرش تي ويندي نہ آ،
’سوويٽ ڊش‘ سمجهي نہ منهنجا حق ڪاءُ،
هي غذا جلدي هضم ٿيندي نہ آ.

پنهنجي ٻوڪيل ٻوڪ جي ڪنڊن ڇڏيو رهڙي صفا،
سچ چيو هو ڪنهن تہ بابا ٻير جا ٻوٽا نہ هڻ،
جا پٽي تنهنجي هٿان تنهن ڪي مٿاڇ واسطي،
ڪڻ کهاڙو، عيش ڇڏي، جهوٽا نہ کا، سڙتا نہ هڻ.

روشنين جو دور آ ۽ ساوڪن جي مند آ،
باغ جا مالهي اچا پيي رات ڪاري ٿو پڇين،
تون سٽين ٿو، پر ٿتو سمجهين تہ ڪنهنجو ڏوه آ،
مان ٻهاري ٿو گهران تون ٻهاري ٿو ٻڇين.

## پير بخش پياسي

### بيت

سُجهي سمنڊ اُجهاڳ، آءُ اڪيلي آٿارون،
سنئين سير وچ ويرن، ڇوليون ٿيون ڇرواڳ،
مون ڪيئن محبت ماڳ، حاصل ٿيندو هوت سين.

تنهنجي سيرت تنهنجي صورت، تنهنجو سونهن سينگار،
ڍوريندي مون ڏينهن ٿيا، ڏکن منجهه هزار،
پياسي کهڙي پار، پُڄندي آءُ پرينءَ کي.

منزل منزل ماڳ، تو جو ماڻيو مينڌرا،
مومل جو سومل سين، سمجهي سگهيئن نه چاڳ،
ويچاريءَ ويراڳ، ڏنئي کهڙي ڏوهه ۾.

جان جان لڏم سار، تان تان ترهو تيڪ ۾،
ڇاڇر جي ڇيهه جو، پتو تنهنجو پار،
’پياسي‘ سان پيار، متان ڪا منڌ ڪري.

مرقد تنهنجي مُهڙي، سهڻو تو سرتاج،
اکيان اکڻ آئيا، جي هيڪر ڪڏي هاج،
تن مومنن معراج، پنائيءَ ڏنم پٽ تي.

پرين تو پاس، جنهن آءُ لنگهياس،
گونٿيءَ گلاب جو، ويهي ورتم واس،
الله سندم آس، پُني شل پوري ٿئي

# وايون

زوَرَ ظلم ۽ زوريءَ جا هت، ڪير پروڙي راز- الا!
ڪير پروڙي راز؟
مات مات تي ٻاڪر ٻس تي، ڏکجي ويا آواز- الا!
ڪير پروڙي راز؟
مسڪين اگهيان ائين ظالم جي، جهرڪي ۽ پويان باز- الا!
ڪير پروڙي راز؟
تون مون ناتو نفرت جو ڇو، نينهن ٿئي ڪيئن ناز- الا!
ڪير پروڙي راز؟
ڇُپ ويا تي پيار جا پڙلاءَ، چنگ چڙهيا سڀ ساز- الا!
ڪير پروڙي راز؟
شيخ جهان ۾ ايندا پيا پر، ٿيندو ڪير 'اياز'- الا!
ڪير پروڙي راز؟
جوت جلي پروانن جيئان، 'پياسي' ٿيا پرواز- الا!
ڪير پروڙي راز؟

سحر صبح تي ٻات آ چانيل، سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ، ميان!
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.
هر هڪ آهٽ موت جو ڪڙڪو، خوف تي آيو ڪيٺ، ميان،
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.
وت شمع جي ٻري ٻه ٻر جا، ويو ختم ٿي ميڻ، ميان!
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.
ماڪ جا موتي پن پن تي ائين، لُڙڪ لُڙڪ چڙ نيڻ، ميان!
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.
سڪو شهر ٻنهنجي ۾ ڏاريون، ڪنهنڪي ٻڌايان سيڻ، ميان.
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.
'پياسي' پاڪ قتل مان سمجهيم، ويو ڪو ڏيئي ويڻ، ميان!
سا ٻه لڳي پئي ڏيٺ.

## قطعا

چنڊ آسمان تي چمڪي نہ چمڪي،
ڌرتيءَ تي سونھن جي اسين ڪاڻ آھيون،
دل جي شعاع سان جلي جوت وئي جي،
تہ منزل اسانجي اسين پاڻ آھيون.

شعلو حُسن جو تو زلفن ڪي ڇيري،
اجھا تي مچي چڻ تہ ھر جا قيامت،
ڪنول جو ڪڙڻ پيو تبسم آ انجو،
ڪٿي نيڻ نھاري تہ برپا قيامت.

حق ڪاڻ سر پنھنجو ڏيڻ بعد ساءِ،
گرم آھي ڪوفي جي بازار اڄ ڀي،
اسانجي دلين تي اچا نقش آھي،
ھي ظلمت ۽ فتني جو آزار اڄ ڀي.

اِجھو ھو وچي پيو ونيو وات پنھنجي،
ڏسون پيا تہ زخمن سان سارو آ چوُر،
ھي تنھنجو نہ منھنجو ڀلا ڏوھ ڪنھنجو،
ڪٿي سور ھيڏا وچي پيو ھو دوُر.

ستم سھندي بہ منھنجو فقط ڏوھ ھي آ،
مان مسڪين بيوس جو نادار آھيان،
رکي پيٽ بکيو ڏئي رت پين ڪي،
زماني سان پوءِ پي وفادار آھيان.

# هائيڪا

ويندي ويندي راه،
پُسيءَ ڳاڙها ڳل،
ٿئي ڪيئن نپاه.

جوڙي نينهن نوان،
جواڻ ڪٽي جذبا،
هلپيا روح روان.

سنڌءِ سونهن سُرهاڻ،
واسيل ساريءَ سنڌ،
بنديل 'روح رهاڻ.'

تو جا پانئي سَچَ،
جل ٿل بادل برسيا،
روان ٿيندي رَچ.

چڙهيو چنڊ چڪور،
'پونٽرپُري آڪاس،'
شعرن ڏسي شور.

جاڳي جاڳي رات،
اوسيئڙي اُفق جي،
پـــره ڦٽي پرپات.

دريا دودي مان،
قلب لڳن چيرا،
سيني ڪُتن ڪان.

سوچي سوچي ذهن،
ڳٽين ٿيندي ڳاهه،
منهنجيو مرڪيو من.

سَيد ساريو سنڌ،
هتي هرڪو هوشو،
توتان گهوري جِند.

ڏڪڏڪڏڙڪي دل،
آڪري درياءُ جيئن،
ويجهي ٿـي منزل.

تـتي پيجل تند،
ڏيندا سِرَ ڏياچ،
گهٽا وجهندي بند.

'پياسي' هوم غم،
آميدن ڪان اُگتي،
پنهنجو ٿيو ڪم.

۴- مارچ ۱۹۶۷

# مضمون

مسعود نوراني

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

**مسعود نوراني** (ٽين قسط)

# ٤- مارچ ١٩٦٧ *

٤- مارچ وارن المناڪ واقعن جو ذڪر ڪرڻ مهل ڪٿي جو قصو رهجي ويو. انجي ڪهاڻي هيءَ آهي، ته: ڪٿي ڪي ڪن پوليس وارن بس جي بونيٽ تان رسيون کولي هيٺ لاٿو، ۽ هن تي ڏنڊن جو زيبٽ لائي ڏنو. جنهنجي نتيجي ۾ ڪتو آسمان ڏانهن منهن ڪري زور زور سان ڪيهون ڪرڻ لڳو. پوءِ سپاهي ڪيس سڄي جي پاڙيءَ

---

*** چوٿين مارچ جي واقعن ۾ هيٺيان سورما به شامل هئا**

عبدالله شاه بخاري، شجاع پنهور، مقصود انور نوراني (ايل. ايم. سي) عبدالصمد انصاري، محمد امين سيال، الله ڏنو عباسي (ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ)، محمد شريف، امداد شيخ (جيالاجي ڊپارٽمينٽ)، محمد هارون (باٽني ڊپارٽمينٽ جو استاد)، سراج بلوچ، علي احمد (آرٽس) چندر، گيان، نظام الدين شيخ (انجنيرنگ ڪاليج)، يونيورسٽي بسن جا ڊرائيور- سعيد حسن، شوڪت، حبيب ۽ ڪنڊيڪٽر الله ڏنو، شعبان علي ۽ هيڊ ڪنڊيڪٽر طالب ۽ ٻيا.

## درستيون

هن مضمون جي پهرين قسط ۾ هيٺيون درستيون ڪرڻ گهرجن.

وائيس چانسلر جي پي-اي جو نالو عبدالسلام نه، 'منظور السلام' هو.

اينٽي ڪرپشن جي آفيسر جنهن انجنيرنگ ڪاليج ۾ پنهنجي پٽ جي داخلا جي ڪوشش ڪئي هئي، سو، جعفري نه مسٽر فاروقي هو.

آخوند الله بچائي صاحب پهريائين مسٽر محمد حسين رجسٽرار کي فون ڪئي هئي، ته وائيس چانسلر کي چوي ته، (١) چارج ڇڏي (٢) چارج مونکي ڏي (محمد حسين کي) (٣) حيدرآباد ڇڏي وڃي. پوءِ اهي حڪم سيڪريٽري تعليم به محمد حسين صاحب کي ڏنا هئا.

يونيورسٽي يونين آفيس جي پٽيوالي جو نالو غلام قادر بلوچ نه، 'غلام محمد بلوچ' هو. — **مسعود نوراني**

سان ڏوڙڻ لڳا ته جيئن سندس شان لکيل لفظ 'ڪتا مسرور' ڏهي وڃن، پر 'خادم حسين بلوچ' ۽ 'قاضي خضر حيات' اِهي لفظ واٽر پروف مس يا آئل پينٽ سان لکيا هئا، تنهنڪري پاڻي لڳڻ سان پاڻ وڌيڪ جرڪڻ لڳا. نيٺ مجبور ٿي ڪتي کي ڏوهارين وانگر ڪمشنر جي اڳيان پيش ڪيو ويو. ڪتي پنهنجي حريف کي ڏسي گير ڪئي يا نه پر ڪمشنر ڪتي کي ڏسي هوش حواس وڃائي ويٺو، هو واهي تباهي بڪڻ لڳو ۽ هنجي وات مان گڦ نڪرڻ لڳي جنهنجو نتيجو هي نڪتو، ته ڪتي تي لٺين ۽ بندوقن جي هٿين جو وسڪارو ٿي ويو. ويچارو جانور زمين تي ڪري پيو، ۽ ڪيهون ڪرڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳو. چون ٿا ته پوءِ ڪتي کي سٽي ٿاڻي جي لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو. ڪي چون ٿا ته ڪتي کي هوسڙي ٿاڻي ۾ رکيو ويو هو. بهرحال اها ڳالهه تصديق شده آهي، ته جڏهن به ٿاڻي جو انچارج ٻاهران فارغ ٿي ٿاڻي ڏانهن موٽندو هو، تڏهن پنهنجي نائب کان پڇندو هو ته، 'ڪمشنر صاحب جا ڪهڙا حال آهن؟' يا 'ڪمشنر صاحب کي ماني پاڻي ڪارائي اٿو يا نه؟' ان ڪتي کي لاڪپ ۾ انڪري بند ڪيو ويو هو، ته ثبوت رهي ۽ آيل وزير ڪتي کي ڏسي سگهن، ۽ شاگردن جي خلاف غلط نظريو ڪٺي وڃن. ٻه ڏينهن لاڪپ ۾ بند رکڻ ڪانپوءِ ڪتي کي گولي هڻي شوٽ ڪيو ويو. ويچارو وفادار ۽ مظلوم ڪتو!— ان ڪتي جي سينگارڻ ۾ 'خادم حسين بلوچ' ۽ هڪ 'سيد' شاگرد جو به وڏو هٿ هو.

۵- مارچ جي صبح جو سوِيل اولڊ ڪئمپس پهتس، پتو پيو ته، ٽي صوبائي وزير خاص شاگردن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پهچي رهيا آهن. منهنجي ۽ 'مجيب' لاءِ ڪئين مسئلا پيدا ٿي پيا. گرفتار ٿيل شاگردن جي مائٽن جو لشڪر يونيورسٽيءَ ۾ اچي سهڙيو. ويچارا بيحد پريشان هئا. سندن اولاد کي آهي ڪهڙي وانگر نپوڙي، ڪتي سٽي 'اغوا' ڪيو ويو هو. ڪين اها به خبر ڪانه هئي ته سندن جگر جا ٽڪرا ويا ڪيڏانهن. اها به پڪ ڪانه هئي ته سندن پٽ زنده به آهن يا اجل جو شڪار ٿي ويا. سندن مايوس، سُسيل، غمگين چهرا اڄ به ياد اچن ٿا، ته لڳ ڪاندارجيو ٿا وڃن. سندن اکيون

سنڌي شاگردن کي قانوني دفاع ڏيڻ لاءِ هر ڏکي وقت ۽ هر گهڙيءَ بنا معاوضي، پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري، پنهنجا ڪيس ڇڏي، مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. (پر افسوس جو هن احسان فراموش قوم اهڙي مڙڻي انسان جو قدر به ڪونه ڪيو. وصال کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هن سونسان ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي قوم جي ناقدرشناسيءَ جي شڪايت ڪئي هئي. ڪن نا عاقبت انديش دوستن هن تي الزام لڳايا هئا، ته هو به حڪومت جو هڪ ڪارندو آهي.) بهرحال ڪامل جڏهن محمد ميمڻ وٽ پهتو، ته هن ڪامل کي دلداري ڏني ۽ ڪيس وٺي سينٽرل جيل ويو. پر مين گيٽ ڪونه کوليو ويو. اتي پوليس بيٺي هئي ۽ شاگردن جي گوڙ جو هلڪو آواز ڪن تي پي پيو. هو اِتان موٽي آيا. مرحوم محمد ميمڻ ضمانت لاءِ درخواستون تيار ڪرڻ لڳو. محمد ميمڻ جي ان ڀڄ ڊڪ مان اها پڪ ٿي وئي، ته شاگرد سينٽرل جيل ۾ بند آهن. تنهنڪري شاگردن جا مائٽ جيل تي پهچڻ لڳا. هت اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو: ته مجيب ۽ آءٌ شاگردن کي ضمانت تي آزاد ڪرائڻ جي حق ۾ نه هئاسون. اسانجو خيال هو ته حڪومت شاگردن جي ايڏي وڏي تعداد کي جيل ۾ گهڻي وقت لاءِ بند ڪري نٿي سگهي. ظاهرآهي ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سڄي سنڌ ۾ انتشار ڦهلجي وڃي ها ۽ حڪومت کنهن بغاوت کان بچڻ لاءِ هر حالت ۾ شاگردن کي آزاد به ڪري ها، ڪيس به واپس وٺي ها ۽ مطالبا به مڃيا وڃن ها. پر گرفتار ٿيل شاگردن جي مائٽن جو دباءُ ايترو ته وڌي ويو، جو الامان! جيتوڻيڪ خود گرفتار ٿيل شاگردن جا حوصلا تمام بلند هئا. هنن جي سڀ کان وڏي خواهش هيءَ هئي، ته ڪمشنر جي خلاف ڪو قدم کڄي ۽ 'حسن علي' واپس اچي. انلاءِ هو صدين تائين جيل ۾ سڙڻ لاءِ تيار هئا. معلوم ٿيو ته اسانجو پراڻو نسل تمام بزدل، ڊڄڻو، رجعت پسند، بي همتو ۽ تاريڪ خيال هو. نئين نسل بغاوت ڪرڻ چاهي ٿي، اپرڻ ۽ اسرڻ ٿي گهريو، طوفانن ۽ جبلن سان ٽڪر کائڻ ٿي چاهيو. پر پراڻو نسل کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي رهيو هو. هنن کي بس پنهنجي اولاد ۽ ذاتي مفاد سان پيار هو. قوم جي اجتماعي ڀلائي جو

ڪين فڪر ڪونہ هو.

٥- تاريخ جي صبح جو آءٌ ۽ مجيب، ڪامل سان گڏجي محمد ميمڻ مرحوم وٽ وياسين. هن وري بہ اسانکي دلداري ڏني ۽ پنهنجي مڪمل سات ڏيڻ جو يقين ڏياريو. ڪامل کي محمد صاحب وٽ ڇڏي، اسين وري اولڊ ڪئمپس ۾ آياسين، جتي ڪالهوڪا شام وارا شاگرد گڏ ٿي ويا هئا. 'حسين شاه بخاري'، 'مير امداد'، 'محمد خان ساريجو' ۽ 'محمد علي مرزا' آيا ۽ انهن ٻڌايو تہ شهر جا سيئي صبح وارا ڪاليج کليا پيا آهن. مون شاگردن کي گڏ ڪيو ۽ هڪ جلوس جي صورت ۾ شهر جي مختلف ڪاليجن ۾ وياسون ۽ انهن کي بند ڪرايوسون. پوليس جون ڪئين ٽرڪون اسانجي پٺيان لڳيون رهيون. پر انهن ڪان اسين بلڪل متاثر يا خوفزده ڪونہ ٿياسون. موٽي اولڊ ڪئمپس آياسون. 'ڄام ساقي'، 'نديم'، 'هدايت' ۽ 'عنايت ڪشميري' بہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙڪي رهيا هئا. عنايت ڪشميريءَ تقرير ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. پر جيئن تہ تقرير اردوءَ ۾ ڪرڻ چاهيائين، تنهنڪري شاگردن هڪ لفظ بہ ٻڌڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. اردوءَ جي خلاف گارين جو هڪ طوفان شاگردن جي وات مان نڪرڻ لڳو، "اردو نہ آهي اسانجي ٻولي."، "اردو ناهي سنڌ جي ٻولي."، "سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هاڻ اردو نہ هلندي."، "سنڌ ۾ هاڻ اردو نہ هلندي." جا نعرا لڳا. شاگرد ايترو تہ مشتعل ٿي ويا، جو عنايت ڪشميريءَ جي جان خطري ۾ پئجي وئي. تنهن تي مير امداد وچ ۾ ٽپي پيو. هو ڏاڪڻ تي چڙهي ويو ۽ چيائين، "هينئر اردو سنڌيءَ جو سوال نہ آهي اسين سڀ ڀائر آهيون، اسانکي دشمن جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪرڻ گهرجي." پر شاگرد جوش ۾ هئا، هنن هڪ بہ نہ ٻڌس. التو مير امداد بہ سي آءِ ڊيءَ جي نظر ۾ اچي ويو ۽ اها ئي تقرير بعد ۾ شايد سندس گرفتاريءَ جو سبب بڻي. غيرسنڌي شاگردن جي منفي رويي، متعصب سياستدانن 'حافظ مبارڪ علي شاه'، 'نواب مظفر' ۽ 'صدر الدين انصاري' جي بيانن، ڪمشنر جي سازش ۽ شاگردن تي حملي جي سبب سنڌي شاگردن جي دلين تي اهڙا تہ گهرا زخم لڳا هئا، جن جو هاڻ سولائي سان ڇٽڻ ناممڪن آهي.

يونيورسٽيءَ جي مائڪرو بس ۾ وٺي هليو.

سرڪٽ هائوس پهتاسين. اندر هڪ ڪمري ۾ مواصلات جو وزير محمد خان جوڻيجو، تعليم جو وزير محمد علي هوتي ۽ قانون جو وزير الهبچايو آخوند هڪ ٿي ڪوچ تي ويٺا هئا. سندن پاسي ۾ هڪ پوڙهو شخص پڻ ويٺو هو. اسين اندر گهڙياسين ته ٿئي آتي بيٺا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اسانجو وزيرن سان تعارف ڪرايو. ڳالهيون شروع ٿيون، ته اسين بارود جي ڍيروانگر ڦاٽي پياسين. منور ميمڻ شروعات ڪئي، چيائين، ”آءٌ جذبات سان ڳالهايان يا عقل سان؟“ آخوند صاحب چيس، ”جيئن وڻي، تيئن ڳالهايو.“ تنهن تي منور چيو، ”اوهانجي حيثيت ڪهڙي آهي، اوهين هليا وڃو، اوهين حڪومت جا پٺو آهيو، اسانکي نه کپو.“ وزير چپ چاپ ٻڌندا رهيا، مٿان چانهه آئي ته اسان پيئڻ کان انڪار ڪيو، چيوسين، ”حڪومت جي ٻن ڪارندن اسانجي ساٿين تي ظلم ڪيو آهي، ۽ انهن کي جيلن ۾ بند ڪيو آهي، اسين انهن جي چانهه پيئڻ نٿا چاهيون.“

منهنجي ڳالهائڻ جو وارو آيو، ته مون ڪمشنر جي ڀوائتن ظلمن جو داستان کوليو. مون ڏٺو ته وزير بيچين ٿي ويا، ۽ هر هر پاسا ورائڻ لڳا. مون انهن کي کولي ٻڌايو، ”جيستائين ڪمشنر کي ڊسمس نه ڪيو ويندو ۽ پروفيسر حسن علي عبدالرحمان واپس نه آندو ويندو. تيستائين اسين اسٽرائيڪ ختم نه ڪنداسين، پوءِ ڀل اسين ڳپيا ڳپيا ٿي وڃون.“

تنهن تي آخوند صاحب چيو، ”جوش مان ڪم وٺڻ سان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو.“ اڃا هن ايترو ئي مس چيو هو، ته منور ميمڻ ڪنهن سرڪش گهوڙي وانگر ڇرجي پيو. ”اوهان سيني کي پنهنجون وزارتون پياريون آهن، اوهانکي قوم سان ڪهڙو واسطو آهي؟ قسم آهي مونکي پنهنجي هن نوڙي ٻانهن جو،“ هن زور زور مان پنهنجي سڄي هٿ سان نوڙي ٻانهن تي ڌڪ هڻندي جوڻيجي ۽ آخوند کي رڙ ڪندي چيو، ”هڪ ڏينهن اسين اوهانجي ڪرسين تي ويٺا هونداسين ۽ پوءِ اوهان اسان سان ملڻ لاءِ ڪوشش ڪندؤ. پر اسين اوهان سان ملڻ کان انڪار ڪنداسين، پوءِ ڪجھ هن ڪٿڻ

ڪمشنر جي حمايت. آخوند صاحب، ياد ڪجو آءٌ به حيدرآباد ۾ ٿو رهان، اوهان به هتان جا ئي آهيو، هڪ ڏينهن حساب ڪتاب ٿيندا."

تنهن تي آخوند صاحب ڪلي چيس، "مونکي ته پاڻ خوشي ٿيندي، جو اوهان وزير ٿيندا، نيٺ اوهانکي اڳتي اچڻو آهي. اوهان ئي آئينده جا اڳواڻ آهيو. پر هي ڪهڙو حُليو بنايو اٿوَ! نه شيو ڪئي اٿوَ ۽ نه ڪپڙا بدلايا اٿوَ! ڪپڙا ڪيڏا نه ميرا ٿي ويا اٿوَ!"

منور ڪاوڙ ۾ چيس، "ها، ها، ڇڻ اوهان اسانجي لاءِ ڪا لانڊري کولائي آهي. جنهنکي اسين پنهنجا ڪپڙا وڃي ڏيون؟ اسانجا ساٿي پيا جيل ۾ سڙن ۽ اسين لانڊرين تي پيا ڪپڙا ڌئاريندا وتون."

مجيب پنهنجي گفتگو جي شروع ۾ ڪمشنر تي سخت چوٽ چنڊيا ۽ وائيس چانسلر جي واپسيءَ جي گهُر ڪئي. محمد خان جوڻيجي چيو، "اهو وائيس چانسلر ته ويو، البت اسين اوهانکي پيو وائيس چانسلر ڏيون ٿا، ۽ اهو هي صاحب اٿوَ." هن ان وڏي عمر جي شخص ڏانهن اشارو ڪندي چيو. جيڪو هڪ تمام پراڻي ڊزائين جو ڪمپليٽ سوٽ پايو ويٺو هو. تنهن تي مون نئين وائيس چانسلر ڏانهن اشارو ڪندي وڏي حقارت سان چيو، "هيءَ شخص پروفيسر حسن عليءَ جي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي لائق ٿي نٿو سگهي. هنکي چئو ته مهرباني ڪري واپس هليو وڃي. اسين هنکي هرگز قبول نه ڪنداسين. وائيس چانسلر ڪيڏي، ته حسن علي."

اهو 'معتبر' شخص 'محمد صالح قريشي' هو، جنهنجي لاءِ مرحوم علامه آءِ آءِ قاضي صاحب هڪ ڏينهن پنهنجي قدرداني جي هڪ ميڙ ۾ چيو هو، "ابا، محمد صالح قريشيءَ کي هنن موڪليو ئي سنڌ يونيورسٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ آهي." منهنجيون اهي ڳالهيون ٻڌي نئين وائيس چانسلر جي شڪل بگڙي وئي.

قصو مختصر، هنن اسانکي اسٽرائيڪ ختم ڪرڻ لاءِ چيو. پر مجيب هنن کي چيو، "پهريائين اسين پنهنجن قيدي يارن سان صلاح مشورو ڪيون، تنهن ڪانپوءِ اسين اوهان سان ڳالهائڻ جهڙا ٿي سگهون ٿا." ان تي محمد خان جوڻيجي ڪاوڙجي چيو، "جيڪڏهن

اوهانکي ڳالهائڻ جو ڪو اختيار ئي ڪونهي، ته پوءِ هتي اسانجو وقت ضايع ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“ تنهن تي مون معاملي کي سنڀاليندي چيو، ”مقصد هي آهي، ته انهن سان ملڻ ڪانپوءِ اسين ڪو اهڙو فيصلو ڪري سگهنداسين، جيڪو سڀني شاگردن کي قبول هجي، پوءِ ان تي عمل به ڪرائي سگهبو.“ مجيب حقيقت ۾ تڪڙ ڪري اها ڳالهه ڪئي هئي، پر اها وڏي ڪم واري ڳالهه هئي. گهٽ ۾ گهٽ لغاريءَ سان ملي صلاح مشورو ته ڪري سگهياسين ٿي ۽ شاگردن جي خير خيريت جو به پتو پئجي سگهيو ٿي، ۽ انهن جي همت افزائي به ٿئي ها. ڪافي بحث ڪانپوءِ وزير ان ڳالهه تي راضي ٿيا ته آءٌ، مجيب ۽ منور شاگردن سان ملي اچون.

سرڪٽ هائوس جي ٻاهران ڪيترائي ايم اين اي ۽ ايم پي اي وزيرن سان ملڻ آيا هئا. پر شاگردن جي مسئلن لاءِ نه، البت پنهنجن ذاتي مسئلن تي ڳالهائڻ لاءِ. گهڻي ڀاڱي سنڌ جا سڀئي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر آيا هئا. انهن مان مرحوم محمد مراد شاهه مٽيارين واري، قاضي محمد اعظم ۽ عبدالحميد جتوئي کان سواءِ، ڪنهن به ٻوٿو ڪونه ٻاريو. مراد شاهه ته سڀني ميمبرن کي چيو، ”هڪڙي خسيس ڪمشنر جي اها همت ٿي آهي، جو اسانجي ٻچن کي لاوارث سمجهي ڪُٽيو ۽ ماريو ويو آهي. اوهان سڀني کي حيف آهي. منهنجي ٻڌو ته ايوب وٽ هلو ۽ احتجاجي طور گڏيل استيعفا ڏيو.“ پر قاضي اعظم ۽ عبدالحميد جتوئيءَ ڪانسواءِ ٻين سڀني سات ڏيڻ جي بدران رڪو جواب ڏنس. (انهن مان ڪيترن ميمبرن ته ماڳهين ايوب وٽ وڃي ڪمشنر جي ڪنيل قدم کي بالڪل درست قرار ڏيندي ڪيس هڪ بهترين منتظم قرار ڏنو هو. ان ڏس ۾ چام صادق عليءَ جو نالو ورتو ويندو آهي، چام صادق عليءَ جي باري ۾ مخدوم طالب المولي پٽ طارق اشرف ۽ ظفر شاهه (ليڪچرار) کي ٻڌايو هو ته: هن مارچ ١٩٦٧ ۾ جڏهن ڪن قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي گورنر موسيٰ وٽ وڃي مسرور جا پول پڌرا ڪرڻ لاءِ چيو ته، چام صادق علي اٿي بيٺو ۽ ٻئي هٿ مٿي ڪڍي چيائين، ’بابا آءٌ ڪيهڙي، ڪيهڙي، ڪيهڙي، آءٌ نه هلندس.‘

پوءِ قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن جو وفد گورنر موسيٰ وٽ اصل حقيقتون بيان ڪرڻ لاءِ ويو. چام صادق علي به انهن ۾ شامل هو. موسيٰ جڏهن انهن کان پڇيو ته ڇو آيا آهيو ته چام صادق عليءَ يڪدم چيو، ”اسين ڪمشنر مسرور جي پارت ڪرڻ آيا آهيون مهرباني ڪري هنجي بدلي نه ڪندا، هو ڏاڍو سٺو منتظم آهي.“ مخدوم صاحب وارا ماٺ ڪري واپس هليا آيا.

ٻين ميمبرن به ڪمشنر سان ڪئين ملاقاتون ڪيون، ۽ ڪيس پنهنجي طرفان مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو. ڪيترن ته شاگردن کي غنڊا ۽ لوفر ٺهرايو.

انهن غدارن جون وطن دشمن سرگرميون اسانکان اڃان نه وسريون آهن. انهن مان هيئر ڪيترا چوغا مٽائي اسانجا سڄڻ ٿي پيا آهن. پر تاريخ به ڪڏهن ڪنهن غدار کي معاف ڪيو آهي؟ ويندا ڪيڏانهن اهي غدار، جن پنهنجن ذاتي مقصدن خاطر قوم جي مقصدن کي نقصان رسايو آهي.

ڪمشنر مسرور حسن به سرڪٽ هائوس جي ٻاهران بيٺو هو. عبدالحميد جتوئي اتان مٿنيو، ته ڪمشنر اڳتي وڌي هٿ ملائڻ جي ڪوشش ڪئي. جتوئي سائنس هٿ نه ملايو ۽ پنهنجي هٿ ۾ جهليل ٽوپيءَ کي لوڏيندي، نفرت منجهان چيو، ”آءٌ توسان ڪيئن هٿ ملايان. تو اسانجي عزت سان ڪيڏيو آهي.“ ائين چئي هليو ويو، سنڌس پٽ لياقت جتوئي به ۲۰۷ شاگردن سان گڏ جيل ۾ پيل هو، جتوئي اندر ويو ته وزيرن ڪيس چيو ته هو پنهنجي پٽ ۽ ٻين دوستن جا نالا ڏي، آهي ڪين هينئر ئي آزاد ڪرائي ڏين. پر جتوئي ڪين چيو ته: ڪيس اها ڳالهه پسند ڪانهي، ته سنڌس پٽ ٻهرين نڪري. اوهين سڀني شاگردن کي آزاد ڪريو، سڀئي گڏجي نڪرن.

محمد مراد شاه اسانجو سٺو ساٿ ڏنو. اسانکي صلاح مشورا پڻ ڏنائين، ۽ ساڳئي وقت وزيرن وٽ اسانجي زبردست وڪالت به ڪيائين. جن ٻين صاحبن اسانجو ساٿ ڏنو، انهن مان حاجي نجم الدين سريوال ۽ قاضي اعظم جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن ڪمشنر کي ڏوهاري ٺهرايو ۽ سنڌس خلاف سخت قدم کڻڻ تي زور ڏنائون.

اسين موٽي يونيورسٽي آياسين، ۽ شاگردن کي سڄي تازو حال احوال ڏنوسين. 'مير امداد' جو خيال هو تہ پنج پنج شاگر۱۴۴ جي پيچڪڙي ڪندي پنهنجو پاڻکي گرفتار ڪرائين . هو شاگردن جي ضمانت ڪرائڻ جي سخت خلاف هو . انهيءَ ڳالھ تي رفيق صفيءَ ٺٺولي ڪندي چيس، 'واه سرڪار واه . اڳ ۾ ئي گھڻا ٻچيل آهن، اهي بہ وڃي جيل ۾ پون. پوءِ وينا تاڙيون وڄايون .' ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب اسانکي جيل وٺي هليو، پر ان کان اڳ هو صاحب اسانکي پنهنجي گهر وٺي هليو ۽ زوري بہ گره کارايائين ، چاڪاڻ تہ هن محسوس ڪري ورتو تہ اسن ڪلهہ کان بک تي پيا هلون. ماني کائڻ جو هوش بہ ڪنہ هو اسانکي.

انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي رفيق صفيءَ وارن کي پتو پيو تہ پير صاحب پاڳارو حيدرآباد ۾ آيل آهي . صفيءَ ستار بارڪزئي سان اسڪوٽر تي سائن ملڻ ويو. پير صاحب جن ذوالفقارعلي شاه چاموٽ جي بنگلي تي رهيل هئا. رفيق صفيءَ ، شفقت شاه چاموٽ جي معرفت پير صاحب کي چورائي موڪليو تہ: ”اسين يونيورسٽيءَ جا شاگرد اوهانجي مدد جا طالب آهيون، اسانکي پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ گهڙيون ڏيو، تہ اسين انهيءَ ڏس ۾ ڪجهہ عرض ڪري سگهون .“ پير صاحب جن چورائي موڪليو تہ: ”ڪو ذڪر نہ ڪندا ، سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو . جيئن اوهان چاهيندؤ ، تيئن ٿيندو . ساڍي ٽين لڳي ڌاري وري اچجو، تہ اوهان سان ملاقات بہ ڪئي ويندي، ۽ حال احوال بہ ڏنو ۽ ورتو ويندو.“ رفيق صفي ۽ ستار بارڪزئي بيحد خوش ٿيا. اهي تڪڙا تڪڙا سينٽرل جيل ڏانهن ڀڳا. انهن پنهنجي قيدي يارن کي جلد کان جلد اها خوشخبري ٻڌائڻ ٿي چاهي تہ: پير صاحب پاڳارو، سندن مدد لاءِ اچي رهيو آهي .

جنهن وقت آءٌ ۽ مجيب جيل ۾ گھڙياسين ، تنهن وقت رفيق صفي ۽ ڪامل راڄپر بہ اندر داخل ٿيا . ڪامل وزيرن سان مليو هو ، جن جي اجازت سان هو شاگردن سان ملڻ آيو هو . (يونيورسٽيءَ جي شاگردن کانپوءِ، لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد بہ وزيرن سان مليا هئا . ڪامل ۽ پرڪڙي بہ انهن سان گڏ هئا .

پر گڙي پنهنجي پراڻن ۽ ڪرنل نجيب واري زماني جي ڪيسن لاءِ ڳالهائڻ آيو هو، پر پوءِ هنن يونيورسٽيءَ جي معاملي تي به ڳالهايو .)

سنٽرل جيل ۾ اندر، رجسٽر ۾ نالو لکائڻ ڪانپوءِ جڏهن اسين سپريڊنٽ جي آفيس ۾ گهڙياسين، ته مرحوم محمد ميمڻ وڪيل، محترم رسول بخش پليجو ۽ محترم حميد سنڌيءَ کي اندر ويٺل ڏٺوسين. مرحوم محمد ميمڻ صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ هو شاگردن سان مليا، انهن جا نالا معلوم ڪرڻ ۽ وڪالت نامن تي صحيحون وٺڻ آيا هئا. ڪامل راڄپر، اسانجي ميمڻ صاحب سان واقفيت ڪرائي .

پير عبدالباقي جيلر اسانکي شاگردن سان ملائڻ لاءِ وٺي هليو. جيل جي گهٽيل ۽ بوساتيل فضا ۾ اڳتي وڌندا، اسين هڪ اهڙي شاهي دروازي وٽ پهتاسين، جنهن تي لکيل هو 'اڇو چڪر.' پير باقي صاحب دروازي جي ٻنهي پاسي ڪاڻ بيٺل ڳاڙهيءَ ٽوپيءَ وارن مقدمن کي هٿ جو اشارو ڪيو، ته انهن ڦڙتيءَ سان دروازو کولي ڇڏيو. اندر گهڙڻ سان ئي رت ۽ پگهر جي گڏيل ناگوار ڌپ، اسانجي نانن ۾ گهڙي وئي . اهڙي ته ناگوار ۽ تکي ڌپ هئي، جو اسانجا قدم رڪجي ئي ويا، پر اسين بيٺاسين ڪونه. اڳتي وڌندا رهياسين. مونکي ائين پئي محسوس ٿيو ته آءٌ پراڻي 'روم' جي ظالم بادشاه 'نيرو' جي ڪنهن ڪوس گهر ۾ پهچي ويو آهيان. چئني طرف ڦٽيل، چچريل، زخميل ۽ مظلوم شاگردن جو سمنڊ پئي ڇلهيو. ڄڻ ته اسين جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جنگ جي ميدان ۾ گهڙي پيا هئاسون . ڪن جا پير زخمي هئا، ڪن جون ٻانهون ڦٽيل هيون، ڪن جي سيني تي گهاوُ هئا، ڪن جون اکيون سڄيل هيون، ته ڪن جا ڳِل چيريل هئا. ڏنڊن جي ٿيرَ جا نشان ته سڀني جي جسمن تي هئا، ۽ گهڻن جسمن مان اڃان به رتُ ٽِمي رهيو هو. ڪن شاگردن جا ڦٽَ پچي به پيا هئا، ۽ انهن مان ڦڪيءَ ۽ سائيءَ رنگ جو گند پئي وهيو، جنهن مان سخت ڌپ نڪتي پئي. ڪين ڪابه طبي امداد اڃا تائين نه پهتي هئي. ڪن فراغ دل ساٿين پنهنجون قميصون ۽

جدوجهد ڪئي آهي.“ ٻنهي صاحبن شاگردن کي سگريٽ، بسڪيٽ پڳڙا ۽ ٻيون ڪيتريون روز مره جي استعمال جون شيون موڪليون. انهن ٻنهين جي تعاون سان جيل ۾ قيدين ۽ شاگردن جو گڏيل جلسو به ٿيو، جنهن ۾ شاگردن ۽ قيدين زوردار تقريرون ڪيون، ۽ ڪمشنر جي خلاف قراردادون بحال ڪيون.

مون ۽ مجيب، يوسف لغاريءَ کي پاسي تي وٺي، صلاح مشورو ڪيو. يوسف جو خيال هو ته شاگرد ضمانت تي جلد آزاد ٿيڻ گهرجن. متان هنن ۾ جيل جي سختي ڪري مايوسي ڦهلجي وڃي ۽ همت ٽٽي پوي.

محمد ميمڻ ۽ ڪامل راڄپر به اسانجي پٺيان پي آيا. اِهي به شاگردن سان مليا ۽ انهن کي آٿت ڏنائون. محمد ميمڻ تقرير به ڪئي. هن چيو: ”اوهان منهنجا ٻچا آهيو، آءٌ اوهانکي پوريءَ طرح قانوني بچاءُ ڏيندس. آءٌ ڪنهن به ڪمشنر کان نٿو ڊڄان. اوهان لاءِ جان به حاضر آهي. سنڌ کي اوهان تي فخر آهي. اوهان اِهو نه سمجهو ته اوهان اڪيلا آهيو.“ (پوءِ هُن شاگردن جي لاءِ ٻه ڊٻگون پٽَ جون، بسڪيٽن ۽ سگريٽن جا ڪيترائي ڊٻا ۽ پيڪٽ ڏياري موڪليا. پٽَ جون ڊيگون ته جيل وارن، شاگردن تائين ڪونه پهچايون. البت بسڪيٽ ۽ سگريٽ کين پهچايا ويا.) ان وچ ۾ رفيق صفي ٽپ ڏيئي هڪ بيرڪ جي ڏاڪڻ تي چڙهي ويو، ۽ پنهنجي تقرير جو جادو جاڳائڻ شروع ڪري ڏنائين. هن شاگردن کي وزيرن سان ٿيل ڳالهين، جنرل باڊي جي فيصلن، ايوب خان کي ڪيل تارن ۽ قانوني ڪاروائين جي باري ۾ مڪمل تفصيل ٻڌايا. هن جڏهن کين ٻڌايو، ته سنڌ جو بي تاج بادشاهه پير پاڳارو سنڌن مدد لاءِ لکين حُرن سان ميدان ۾ ٽپي پيو آهي، ته جيل جي فضا ۾ ’پيچ پاڳارا‘ جا نعرا لڳا.

ساٿين سان موڪلائي آءٌ ۽ مجيب يونيورسٽيءَ ڏانهن روانو ٿياسين. محمد ميمڻ، حميد سنڌي، رسول بخش پليجو ۽ ڪامل راڄپر ضمانت لاءِ ڀڄ ڊُڪَ ۾ لڳي ويا ۽ رفيق صفي، ستار بارڪزئي جي اسڪوٽر تي چڙهي فرزات ڪندو، پير صاحب سان ملڻ لاءِ روانو

ٿي ويو. ساڍا ٽي وڄڻ وارا هئا. انهن اسڪوٽر جي رفتار تکي ڪئي. رفيق صفي سوچيو: ’پير پاڳارو، سنڌ جي مقدس هستي آهي. سندن نه فقط سنڌ ۾، پر پاڪستان جي ٻين صوبن کان علاوه ٻاهرت ۾ لکين مريد آهن. اهڙا مريد، جيڪي پير صاحب جي فقط ڀروُنءَ جي اشاري تي ڪنڌ ڪپائڻ ۽ ڪنڌ ڪورڻ لاءِ تيار آهن. اهو پير صاحب، جيڪو سنڌ جو والي آهي، سنڌ جو سڀ کان با اثر شخص آهي. بس، هُو ايوب کي فون ڪندو، ۽ مسرور نوڪرون کائيندو، ٽڙندو وڃي تباهيءَ جي غار ۾ ڪرندو. پير صاحب سنڌين تي ڪرم جي نگاه ڪئي ته سنڌين جا سڀئي سور ۽ اهنج لهي ويندا.‘ رفيق جي ذهن ۾ هزارين خيال چڪر لڳائي رهيا هئا. هن سوچيو ته: ’سڀ کان وڏو ڪارنامو ته مون سرانجام ڏنو آهي، يوسف لغاري، مجيب ۽ نورانيءَ کان به وڌيڪ.‘ رفيق ايڏو خوش هو جو بنگلي ۾ اسڪوٽر جي ٻيهڻ کان اڳ ۾ ئي ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ ڪال بيل ڏانهن ڀڳو ۽ پوري طاقت سان ٻٽڻ دٻائين. اردلي ٻاهر نڪري آيو. رفيق چيس، ”وڃي پير صاحب کي جلديءَ ٻڌاءِ ته رفيق صفي سندن فرمان موجب سائن ملڻ آيو آهي.“ اردلي مشڪي چيو، ”پير صاحب ته ڪڏهوڪا سانگهڙ هليا ويا.“

رفيق کي ڄڻ ته ڪنهن ڪاپاري ڌڪ هڻي ڪڍيو. کيس پيرن هيٺيان زمين کسڪندي محسوس ٿي. سندس اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. رفيق مونکي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو ته: ”انهيءَ ڏينهن کانپوءِ مون سچي ڌرَ کي هميشه لاءِ خيرآباد چئي ڇڏيو. ۽ ڪابي ڌرَ وارن لاءِ بي انتها ڪشش محسوس ڪيم.“ (ڪاش سچي سنڌ انهن پيرن ميرن جي چڪرَ مان نڪري اچي.)

اڄ ۽ مجيب يونيورسٽيءَ ۾ آياسون. شاگردن کي حال احوال ڏنوسين ۽ ٻڌايوسين ته جيل ۾ شاگردن جو خراب حشر آهي ۽ آهي مرٽيننگ حالت ۾ آهن.

جڏهن اسين وزيرن سان ملي نڪتا هئاسين، انهيءَ کانپوءِ غير سنڌي شاگردن جو هڪ وفد به وزيرن سان مليو هو. ان وفد ۾ فردوس عالم، اسحاق شمي، احمد قريشي، سعالبين، انصار حيدر، ممتاز

جنيدي، طاھر حسين، شاھنواز، پرويز احمد شيخ، فخر الدين ڪيفي، عارف قزلباش، رفاقت، ڪامل، عابد رضوي، سعيد بيگ، ۽ رشيد آڙوءَ کان علاوه ھڪ شاگردياڻي ناز اختر بہ شامل ھئي. انھيءَ وفد سڌو سنئون ڪمشنر مسرور جو پاسو ورتو، وائس چانسلر حسن عليءَ تي ڪوڙا الزام مڙھيا ۽ سنڌي شاگردن خلاف زھر اوڳاڇيائون. ناز اختر چيو تہ: ”سندھی شاگرد ہمارے سامنے ننگے ہو کر ناچتے ہیں اور اپنے مخصوص اعضا کا مظاہرا کرتے ہیں.“ تنھن تي ھوتي ڪاوڙجي چيو تہ، ”سندھی، عورتوں کو اغوا کرسکتے ھیں، اپنی عزت کے لئے کٹ مرسکتے ہیں لیکن میں یہ نہیں مان سکتا کہ وہ عورتوں کے سامنے ننگے ہو کر ناچ بھی سکتے ہیں.“

غير سنڌي شاگردن جو وفد وزيرن وٽان ٻاھر نڪتو تہ اسانجو ٻيو وفد اندر ويو، ان وفد ۾ آغا زاھد، عمر پٽي ۽ انور ميمڻ ھئا. وفد نمبر ٻيو ۽ ٽيون ناھڻ جو مطلب ڇا ھو؟ جيئن واڙو ڪرڻ وارا شڪارين لاءِ شڪار کي ھيسائي ڏيڄاري ڊوڙائي واڙو ڪري ڪنھن مخصوص مقام تي ھڪلي ايندا آھن، جتي شڪاري اڳ ۾ ئي پنھنجي بندوق تيار رکيو ويٺو ھوندو آھي، تہ جيئن ٽڪل - ڊنل شڪار کي سولائيءَ سان موت جي ڪنڌيءَ تي اماڻي سگھي. تھڙيءَ ريت وفد نمبر ٻئين ۽ ٽئين جو ڪم ھو وزيرن جو واڙو ڪرڻ. ھنن جي ڊيوٽي فقط اھا ھئي تہ وزيرن سان بحث براءِ بحث ڪري، سنڌن مغز کپائين ۽ ھنن کي ذھني طور تي ايترو تہ ٿڪائين، جو وفد نمبر ھڪ جڏھن ٻيھر ڳالھين جي ٻئي دؤر لاءِ اچي، تہ وزير انھن جون ڳالھيون بنا ڪنھن پس و پيش جي مڃي وڃن.

ھڪ ٻئي ۽ ٿڪائيندڙ تعارف کانپوءِ آغا زاھد وارن ۽ وزيرن جي وچ ۾ ڳالھيون شروع ٿيون. جوڻيجي چيو، ”اوھان کان ٿورو اڳ ۾ آيل مھاجر شاگردياڻي شڪايت پئي ڪئي تہ سنڌي شاگردن ھن سان ھٿ چراند ڪئي آھي. ايتريقدر جو سنڌي شاگردن ڪيس گرلز ڪامن روم ۾ بہ ستايو آھي. اھا ڳالھ سچي آھي ڇا؟“ ”اھا سچي بڪواس آھي. چوريءَ ڪوڙ ڳالھايو آھي.“ انور ميمڻ چيو. ”اھا مسرور جي رکيل آھي، ۽ سنڌي شاگردن تي ڪمشنر

جي چُرچ تي بهتان هڻي رهي آهي، شاگردياڻين جي هڪ جنرل باڊي سڏائي انهن کان پڇو. حقيقت ظاهر ٿي پوندي.“ آغا زاهد چيو. تنهن تي جوٽيجي چيو، ”ها، آءٌ ان ڇوڪريءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، اها هڪ سوسائٽي گرل آهي.“ بحث اڳتي هليو. آهستي آهستي بحث ۾ گرمي ايندي وئي. آغا زاهد شيڪسپيئر جا ڪئين شعر پڙهائڻ ڪانپوءِ چيو، ”اوهانجو هي وفد حقيقت ۾ ڪابه حيثيت ڪونه ٿو رکي. اوهان ايوب خان جون شمن گڏيون آهيو. اوهانکي ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جو اختيار ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“ تنهن تي جوٽيجي ورندي ڏني، ”ايترو جذباتي نه ٿيو، اوهان ڪجهه پرسڪون رهڻ جي ڪوشش ڪيو.“ جواب ۾ آغا زاهد بائرن ۽ اسڪاٽ جا ڪجهه نظم جوش سان پڙهايا، جڻ گارين ڏيڻ جي انداز ۾ چيائين، ”افسوس جي ڳالهه آهي جو اوهان هڪ سنڌي ٿي ڪري اسانکي پُرامن رهڻ جي تلقين پيا ڪيو. اوهانجي جڳهه تي پيو ڪو قوم پرست هجي ها ۽ اسين به سنڌس قوم جا فرد هجون ها، ته هو اسانکي همٿائي ها ۽ اسانجو مڪمل ساٿ ڏئي ها. اوهانکي به سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ اسان سان تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي.“ جوٽيجي جي منهن جو پنو لهي ويو ۽ سڄو هيڊو ٿي ويو.

آغا زاهد بحث جاري رکيو، هن ’لنڪن‘ جا ڪجهه مثال ڏنا ۽ ’شيلي‘ جا شعر پڙهائيندي چيو، ”صدر ايوب اسانکي ڪابه اهميت ڪانه ڏني آهي. يونيورسٽيءَ جي معاملن کان وڌيڪ هو بدڪن جي شڪار کي ترجيح ڏئي ٿو. ڇا حڪومت کي خود قانون جو احساس آهي؟“ آغا زاهد ڳاڙهو ٿيندي پڇيو.

”وزير قانون اوهانجي سامهون ويٺو آهي، جيڪڏهن قانون جي باري ۾ ڪجهه پڇڻو اٿو ته انهيءَ کان پڇو.“ جوٽيجي، آخوند الله بچائي صاحب ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”اسين آخوند صاحب سان ٿا ڳالهائڻ چاهيون.“ آغا زاهد مرڪي چيو. آخوند صاحب خاموشيءَ سان ڪمري مان ٻاهر هليو ويو.

”پلا هاڻ اوهانکي ته سنڌي وائيس چانسلر مليو آهي، پوءِ گوڙ ڇو ٿا ڪيو؟“ هوتيءَ نئين وائيس چانسلر ڏانهن نهاريندي پڇيو.

”اسين هن حڪومت جي پنو وائيس چانسلر کي هر گز قبول نٿا ڪيون ۽ اسين هن سان ڳالهائڻ به گوارا نه ڪنداسين.“ تنهن تي وائيس چانسلر اٿي بيٺو ۽ ڏڪندي ۽ ٿڙڪندي چيائين، ”چا تون ....“

”خاموش، مات ڪري ويهي رهه، اسين توسان ڳالهائڻ ڪونه آيا آهيون.“ آغا زاهد نئين وائيس چانسلر جي ڳالهه ڪٽيندي چيو، ”آخ ٿو،“ عمر پٺيءَ رڙ ڪري آواز ڪيو، ٽڪ ڪونه اڇلائي. وائيس چانسلر به منهون ڦيري واڪ آئوٽ ڪري ويو. باقي جوڊيجو ۽ هوتي بچيا. تن جو به ڇڙو حشر ٿيو، اٽڪل پنج ڪلاڪ بحث هليو. وزيرن جي ڪابه ڳالهه شاگردن ڪانه مڃي. آهي آغا زاهد، عمر پٺي ۽ انور ميمڻ کي دليل بازيءَ ۾ شڪست ڏيئي نه سگهيا. آغا زاهد وارن وزيرن کي بالڪل ٽڪائي ڇڏيو. آغا زاهد جي شعرن ۽ تاريخي حوالن کين منجهائي وڌو. نيٺ پٺي وزيرساڻا ٿي ويا ۽ ماني ڪائڻ جو بهانو ڪري اٿي ويا. مانيءَ کانپوءِ وفد نمبر ٽيون وزيرن سان مليو، جن رهيل سهيل ڪثر به ڪڍي ڇڏي ۽ وزيرن جا باڙداناڻي ڪڍي ڇڏيائون.

۽ وزيرن کي شرابين وانگر ٿاپڙجندو پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃندو ڏنو ويو.

پٺي پاسي جڏهن سنڌي شاگردن کي خبر پئي ته مهاجر شاگردن جو هڪ وفد وزيرن سان مليو آهي ۽ ان مسرور جي حمايت ڪئي آهي، تڏهن سنڌي ۽ مهاجر شاگردن جي وچ ۾ وڏيڪ تلخي ۽ ويڇو پيدا ٿي پيو. ’رحيم سهتي‘ کي ناز اختر جي ڏنل بيان جي جڏهن پروڙ پئي، ته هو ڇتو ٿي پيو ۽ گلي ماں عجيب و غريب آواز ڪيڻ لڳو. هو منور ميمڻ، سڪندر پانڌيائيءَ سان مليو. هنن صلاح ڪئي ته ناز کي سبڪ ڏيڻ ضروري آهي.

ناز موتي يونيورسٽي آئي، ته سهتي کيس گرلس ڪامن روم مان سڏي ڪنهن بهاني سان ٻاهر وٺي ويو ۽ چيائين، ”تمہارا خون امریکا سے پارسل ہو کر آیا ہے کیا؟ ہمارے سندھ کا کھا کر، ہمارے ہی خلاف زہر اُگل رہی ہو.“ سهتو ايڏو ڪاوڙجي پيو،

جو ناز اختر کي سَتَ ڏئي، جهلي ڪٺي ڪُلهي تي کنيائين. مٿان سوشالاجي جو 'پروفيسر محمد شفيع ميمڻ' اچي ويو. سهتي، شفيع صاحب کي ڏسي ناز کي ڪلهي تان لاٿو. اهڙيءَ ريت ناز جي جان بچي.

ساڳئي ڏينهن تي اسانکي پتو پيو ته ايڪانامڪس جا ڪلاس هلي رهيا آهن. مون رحيم سهتي، عمر ۽ پين کي موڪليو ته وڃي ڪلاس بند ڪرائي اچن. رحيم سهتو ڪلاس ۾ گهڙي ويو، ۽ رڙ ڪري چيائين، "اڙي، بند ڪيو هي ڪلاس." تنهن تي هڪ شاگرد چيس، "آپ باہر انتظار کریں." هنجو ائين چوڻ ۽ سهتي جو هٿ ورڻ. انهيءَ شاگرد کي اهڙي ته زور ۾ چمات لڳي، جو ڳل ڳاڙهو ٿي ويس. سهتو ـــــ ۽ انتظار، اهو ڪوڙو ٿي نٿي لڳو. نتيجي ۾ ڪلاس منٽ ۾ خالي ٿي ويو.

ساڳيءَ صبح جو پراڪٽر مانيٽرن جي گڏجاڻي انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ٿي. 'جليل' صاحب صدارت ڪري رهيو هو. رحيم سهتو لٺ کڻي اندر هال ۾ ڪاهي پيو. عمر پٺيءَ ۽ ٻيا شاگرد هن سان گڏ هئا. 'جليل' صاحب ڀڄي جان ڇڏائي.

شام ٿي ته اصغر شاه ڊوڙندو آيو ۽ روئڻهارڪو منهن ڪري اچي ٻڌايائين، ته هڪڙي شاگرد جو لاش قليليءَ مان لڌو ويو آهي. چوڌاري ٻاڪر ڪتو مچي ويو. هر طرف کان هاءِ گهوڙا ۽ پٽڪي جا آواز اچڻ لڳا. سڄي فضا سوگوار ٿي وئي. شاگردن ۾ وري جوش ڦهلجي ويو. 'انتقام، انتقام!' جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون ۽ 'ڪتو ڪمشنر' جو نعرو وري گردش ۾ اچي ويو. اصغر شاه مونکي پاسي تي وٺي ٻڌايو ته اهو لاش ڪنهن شاگرد جو ڪونهي، پر هڪ مزور جو آهي، پر تنهن هوندي به حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ، عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻ ۽ شاگردن ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ جيڪڏهن اهو چئجي، ته اهو شاگرد جو لاش آهي، جيڪو ٤- مارچ واري واقعي سبب ڪوٽڙي بيراج مان لڙهندو آيو آهي، ته ان ۾ ڪوبه مضائقو ڪونهي. مون هنجي ڳالهه سان سو فيصد اتفاق ڪيو. رشيد ميمڻ ۽ اصغر شاه کي وري موڪليم ته وڃي لاش هٿ ڪن. مون ان

موقعي تي هڪ نهايت دردناڪ تقرير ڪئي، ۽ شهيد لاءِ غائبانه جنازي نماز پڙهڻ جو اعلان ڪيو. اصغر شاهه ۽ رشيد ميمڻ کان علاوه پيا به ڪيترا شاگرد لاش هٿ ڪرڻ ويا هئا. رشيد ۽ اصغر شاهه مئل مزدورءَ جي مائٽن کي پيسن جي آڇ به ڪئي، ته ڪجهه دير لاءِ لاش سندن حوالي ڪيو وڃي، پر مزدور جي مائٽن انڪار ڪيو. متان پوليس پهچي ويئي، جنهن لاش پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. رشيد بهرحال لاش جو منهن ڏسي ورتو. ڪيس ان لاش جي شڪل ۾ انجنيرنگ ڪاليج جي شاگرد ۽ سندس ڪلاسيءَ 'اخلاق حسين' جي مشابهت نظر آئي. پوءِ ته هو "هاءِ اخلاق ڀيا!" ڪري ڪِري پيو ۽ هنبوچا هڻڻ لڳو. هو روئندا پٽيندا اخلاق شهيد زنده باد جا نعرا هڻندا يونيورسٽيءَ ڏانهن وريا. اخلاق حسين لاءِ چار پنج جنازي نمازون پڙهيون ويون. جيل ۾ به اخلاق جي شهادت جي ٻُڙڪ پئجي وئي هئي، تنهنڪري جيل ۾ اخلاق حسين جي غائبانه نماز ادا ڪئي وئي. اها ڳالهه ٻي آهي، ته اخلاق حسين خود پهرين صف ۾ نيڪ امام جي پويان جنازي نماز پڙهي رهيو هو ۽ پنهنجي لاءِ جنت ۽ ڇوٽڪاري جون دعائون گهري رهيو هو.

رفيق صفي چالاڪي ڪري اخلاق حسين جي مرڻ جي خبر اخبارن ۾ ڏيئي آيو. هنکي پڪ هئي ته اها خبر ته ڪانه ايندي، پر انجي ترديد ايندي. تنهن هوندي به ڪيس خاطري هئي، ته ترديد آئي ته به عوام کي ڪنهن شاگرد جي موت جو شڪ ضرور پوندو. جيڪا ڳالهه شاگردن لاءِ عوام جي همدردي حاصل ڪندي. ٿيو به ائين، ٻئي ڏينهن رڳو اخبارن ۾ حڪومت طرفان وضاحت آئي هئي ته، 'مئل لاش ڪنهن شاگرد جو نه، پر هڪ مزورءَ جو آهي'.

آءٌ ۽ مجيب وزيرن وٽ شام جو پهتاسين، ته لاش جو ذڪر به ڪيوسون. سندن حالت ڏسڻ جهڙي ٿي پئي. هنن تڙ تڪڙ ۾ ڪمشنر، ڊي آءِ جي کي فون ڪيا ته لاش هٿ ڪري انجي مڪمل حفاظت ڪئي وڃي. انڪانپوءِ هو پاڻ وڃي لاش ڏسي آيا. جيستائين هنن لاش نه ڏٺو هو، تيستائين ڪمشنر کي آنڌ مانڌ لڳي پئي هئي. پوءِ هنن ڪيلي اچي ٻڌايو ته لاش ڪنهن شاگرد جو ڪونهي. پر

# تنقيد ۽ رايا

مان اوهانجي هن حق لاءِ سدائين وڙهندس،
ته اوهين مون سان اختلاف راءِ ڪري سگهو.
— والٽيئر.

پيارا تون ڪڏهن چوندو هوئين ته مان 'هرو پرو' ٻه خط لکندو آهيان. اج اها حالت آهي جو صدين کان چئُ ته توڏي خط لکڻ چاهيو هوم، پر لکي نه سگهيو هوس. اج مان ضرور لکندس. اج نه لکي سگهيس ته ڪڏهن ٻه نه لکي سگهندس. پر لکان ڇا؟ ڪجهه ٻه! ڇا ٻه!— تون ائين نه سمجهه ته ڪو 'سهڻي' ڪيڏي قاڙها ماريا اٿئي! يا ڪو سنڌين تي احسان ڪيو اٿئي. منهنجي آڏو 'سهڻيءَ' جا ڪجهه پرچا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. هيءُ اپريل ١٩٧١ع جو پرچو آهي. ص٥٤، غياث جوڻيجي جو نظم منهنجي آڏو آهي. غياث پياريون ڪهاڻيون ٻه لکيون آهن ته شاعري ٻه. ڪاٿي آ- روشني! شاعر ڪي روشنيءَ جي پياس آهي. اها نه ٻجهندڙ پياس ئي شاعر کي رڻن ۾ رلائي، شعرچوائي ٿي. نومبر- ڊسمبر ١٩٧١ع واري پرچي ۾ غياث جا هائڪا ۽ هڪ نظم ڇپيل آهي:

پلپل تنهنجا پورَ
تارن ڀري رات ۾
جاڳيا سُتا سوُرَ.

سڀ هائڪا پيارا آهن. سچ پڇين ته هائڪي کي نارائڻ شيام ڪانپوءِ ڪوٻه وڏو شاعر نه مليو آهي. غياث جا هائڪا مونکي ڏاڍو وڻيا. ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي غياث. سنڌيءَ ۾ هائڪو جي ڏارا تي الڳ ئي ڪڏهن ڪجهه لکندس. پياسيءَ جي وائيءَ جي هن سِٽَ 'سيرن لهرن چولين چُلڪي، پيڙي موجن منجهه' من کي موج ۾ آڻي ڇڏيو. سنڌي ادب ۾ ڪيترا ئي مخلص ڪارڪن آهن. جن تحريري ۽ عملي طور تي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ جنگ لڙي آهي. سيد اڪبر انهن مان هڪ آهي. مون ڪيترا ئي پيرا يارن کي چيو آهي ته اهڙا ماڻهو جيڪي اسانجي

دستاويز آهي. نورانيءَ کي لکڻ جو ڏانءُ آهي ۽ منهنجو کيس عرض آهي ته هو سنڌ جي مسئلي تي لکندو رهي.

— **امداد حسيني،** حيدرآباد

جيئي سنڌ، سهڻي واقعي بيحد سهڻي آهي. خاص ڪري 'پنهنجي طرفان' ته بلڪل سٺو ۽ سچ هوندو آهي. توهان حقيقت بيان ڪندا آهيو، پڙهي خوشي ٿيندي آهي. مون اپريل ١٩٧١ع واري سهڻي پڙهي خيال ڪيو هو، ته توهان کي خط لکندس، پر لکڻ ڪين ٿيو. هاڻ جڏهن مسعود نوراني جو ٤- مارچ متعلق تفصيلي مضمون پڙهيم، ته خيال ڪيم ته ضرور خط لکندس. مضمون پڙهي روئڻ اچي ويو. اف! اسان سنڌين تي ڪيترا نه ظلم ڪيا ويا آهن. شال هاڻ اسانکي حق ملن. آمين. ٻي قسط جو انتظار آهي. ادا، مون اپريل ١٩٧١ع جي سهڻي پڙهي توهان کان ڪجهه پڇڻ لاءِ خط جو خيال ڪيو هو. توهان ادي 'روشن آرا نظاماڻي' کي خط جو جواب ڏيندي لکيو هو ته 'ڪهڙن سنڌين جي ڳالهه پيا ڪيو محترم؟ اهو سنڌي نه هوندو، جيڪو سنڌي پڙهڻ کان انڪار ڪندو. هن سنڌي ماءُ جي ٿڃ نه پيتي هوندي، جيڪو سنڌي نه پڙهندو.' گستاخي معاف. سوال آهي ته (اهو ذاتي معاملو هوندي به اهم مسئلو آهي) ته طارق اشرف ۽ امرجليل وغيره (سنڌڙي جا سڏڪا مطابق) جا ٻار سنڌي ڪيئن پڙهندا؟ انهن ٻارن به ته سنڌي ماءُ جي ٿڃ نه پيتي آهي. اميد آهي ته جواب ملندو. جڏهن پناهگير (مان ڪين مهاجر نه لکندس، ڇو ته هنن پناهه ورتي آهي.) سنڌ ۾ آيا. هنن سنڌين کي ابوجهه ڏسي ٻين سازشين سان گڏ اها به سازش ڪئي ته نامي گرامي ابوجهه سنڌين (توهانکي، مونکان وڌيڪ خبر هوندي ته هنن معمولي حيثيت وارن سنڌين کي نه بلڪ ميرن ۽ اميرن کي ڏيئر ڏنيون. هنن مير ماريا آهن مير.) کي وڏن ڏاجن وغيره سان ڏيئر ڏئي، سنڌ کي ڌڪ هڻجي. اڄ نتيجو اهو نڪتو آهي ته انهن نامي گرامي ميرن اميرن جون سنڌي معصوم ۽ ابوجهه منگينديون پنهنجي والدين جو اهم مسئلو بڻجي ويون آهن. خير وڌيڪ ڇا لکان! دل رت روئي رهي آهي، پر ڪنهن غلط فهمي ۾ نه پوندا. پناهگير سنڌين کي بدتميز وغيره چئي به ڪين

چرڪائيندڙ ب هيون. آمر جون ڪهاڻيون ڪلاڻ سان گڏ چهڪ ب ڏينديون ٿيون هلن. ملڪ نديم جي وائي، ميرمحمد پيرزادي جو نظم ڏاڍا سٺا هئا. مضمون ب سٺا آهن، خاص ڪري محترم شيخ اياز جي 'تقرير' بيحد وڻي. مهرباني ڪري تقريرن جو سلسلو مستقل رکو ت بهتر ٿيندو. ڇو ت هرڪو ڪنوينشن ۾ اچي نٿو سگهي ت گهٽ ۾ گهٽ تقريرون پڙهي سگهي. مسعود نورانيءَ جي مضمون ۾ گڏ ٿيل ١٩٦٧ کان وٺي اڄ تائين جي حالات کان ت مان اڳ ئي واقف آهيان. سندس مضمون مڪمل آهي. ڪٿي ڪٿي مزاح ب اٿس. ياءُ مشتاق علي ڪلوڙ جي راءِ جي مان ڀرپور حمايت ٿي ڪريان، ت سنڌيءَ ۾ ڪو هفتيوار رسالو ڪڍيو وڃي جيڪو 'اخبار جهان' جهڙو هجي. اسانوٽ اهڙن رسالن جي اڻاٺ آهي.

— نسيم ٿيٻو، شڪارپور

'سهڻي' جي صنحن تي ادي 'نجم عباسي' جي ڪهاڻي 'پٿر تي ليڪو' پڙهڻ جو موقعو مليو. ائين محسوس ٿيو، جيئن قسمت وري اچي قدم چميا. اهو 'پٿر تي ليڪو' ن، پر فولادي دل تي اڻ ڊهندڙ ليڪو نڪري ويو. ادا، نجم عباسي ت 'سهڻيءَ' کي سينگاري ڳهه ڀارايا ۽ پنهنجو قومي ۽ ادبي فرض پورو ڪيو، پر اسانکي ت حقيقت ۾ 'سهڻيءَ' گهاٻي ڇڏيو . هڪ اڳئي 'سهڻي' وري جو آمر ، نجم ۽ طارق جهڙا سينگاريندڙ ت پوءِ باقي بچندو ڪير . حقيقت ۾ مان ڪڏهن ب انهيءَ مسئلي کي ايترو اهم ن سمجهندو هوس ، پر هاڻ حالت اها آهي، جو دل چاهي ٿي ت دنيا جا سڀ ڏندا ڇڏي، انهيءَ اهم مسئلي لاءِ ميدان ۾ اچجي. 'سهڻي' مونوٽ قسمت سان آئي هئي، پر هاڻ ت پڪو پهه بچايو اٿم ، ت هر مهيني وڃي کولي وٺي ايندو سانس.

— دلدار

اپريل جو پرچو نظر مان گذريو. اوهان جنهن همت سان 'سچي سنڌ' جي ترجماني ڪئي آهي، تنهن تي مبارڪون قبول ڪندا. هن کان اڳ 'سهڻيءَ' ۾ هڪ شاهڪار ڪهاڻي 'بيڪي ۽ بيگي' پڙهي هيم . جنهنجي سونهن مان 'جليل' صاحب پنهنجي تازي ڪهاڻي 'خطرناڪ

سنڌ پرست....' تيار ڪئي آهي. اهڙن وڏن لکندڙن کي کپي ته نون لکندڙن جي فن ۽ محنت تي هٿ صاف نه ڪن. 'بيگي ۽ بيگي' جي پائي جي هن کان اڳ فقط هڪ ڪهاڻي پڙهي هيم. آها هئي عبدالجبار جوڻيجي جي ڪهاڻي 'زندگي آهي اشارن ۾ آسير' جيڪا گهڻو اڳ 'سهڻيءَ' ۾ ڇپي هئي. جوڻيجي صاحب جي اُن ڪهاڻيءَ ۾ به زبردست وهڪرو هو. بهزاد جي فن ۾ به لچڪ ڏسجي ٿي. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته 'بهزاد' عورت آهي يا مرد! اهو لفظ ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي؟ اياز جي ڪلام ۾ لفظن جي معنيٰ نه ڏيو ته پاڻ سڄو ٽيندو. مسعود نورانيءَ جي ههڙي مضمون کي تُڪر نه ڪريو ها.

راشده شيخ، حيدرآباد سنڌ

---


## حيدرآباد ۾

ماهوار سهڻي، سهڻي پبليڪيشن ۽
اداره ادبِ نو جا سمورا ڪتاب

ادبيات، ريلوي بڪ اسٽال، عباسي بڪ اسٽال
(نورمحمد هاء اسڪول جي پرسان) ۽ حفيظ
بڪ اسٽال (مارڪيٽ چوڪ) کان علاوه

## پرنس بڪ اسٽال

گاڏي کاتو (ڪيفي تهران جي پرسان)

۽

## رضا بڪ اسٽال

رسالا روڊ (سوسائٽي) کان وٺي سگهو ٿا

# هن پرچي جا ليکڪ

**مسرور بدوي**، پورو نالو بيدل بخش. ڇهن ستن سالن کان ڪهاڻيون لکي رهيو آهي. سندس ڪهاڻيون مختلف ڪتابن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ ڇپيون آهن. هڪڙو ناوليٽ 'راتي' پڻ ڇپيل اٿس. پاڻ ڪهاڻيڪار کان علاوه تمام سٺو 'ڪاٽو' به آهي. سهڻيءَ ۾ سندس ڪهاڻي پهريون ڀيرو ڇپي آهي. هن وقت هڪ ويمي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ شڪارپور ۾ رهي ٿو.

**قيوم طراز**، پورو نالو عبدالقيوم شيخ. گهڻي عرصي کان شاعري ڪري رهيو آهي. سندس شعر سنڌيءَ جي هر سٺي مخزن ۾ شايع ٿيا آهن. گيت لکڻ ۾ چڱي مقبوليت رکي ٿو. هن وقت گهوٽڪيءَ جي سرڪاري اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر آهي.

**ملڪ نديم**، پورو نالو عبدالرزاق، تخلص 'نديم'. گهڻي عرصي کان شاعري ڪري رهيو آهي، سندس شعر سنڌ ۽ ٻاهر جي سڀني سٺين مخزنن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪري رهيو آهي، ۽ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊڪوٽ ۾ آرٽس ڪاليج ۾ نوڪريءَ ۾ آهي.

**خاڪي جويو**، پورو نالو خميسو خان. گهڻي وقت کان شاعري ڪري رهيو آهي. روح رهاڻ، نئين زندگي ۽ ٻين مخزنن ۾ سندس شعر شايع ٿيا آهن. سهڻيءَ ۾ سندس شعر پهريون ڀيرو ڇپيا آهن. پاڻ سڪرنڊ ۾ رهي ٿو.

**مير محمد پيرزادو**، نئون شاعر آهي. سهڻي، نئين زندگي ۽ ڪجهه ٻين مخزنن ۾ سندس شعر شايع ٿيا آهن. ايم. ايس. سي ڪيل اٿس، هن وقت ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪاليج ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

**هدايت بلوچ**، نئون شاعر آهي، سندس شعر سهڻيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڇپيا آهن. سندس ڪجهه قطعا اخبارن ۾ به ڇپيا آهن. پولٽيڪل سائنس ۾ ايم. اي ڪيل اٿس، هن وقت ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

**پير بخش ٻپاسي**، ١٩٦٦ع ۾ شاعري شروع ڪيائين. سندس شعر سهڻيءَ کان علاوه روح رهاڻ ۽ ٻين مخزنن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هاڻ ڏاڍا سٺا شعر لکي رهيو آهي. بي. ايڊ ڪيل اٿس. سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪري رهيو آهي. ٽنڊي محمد خان ۾ پرائمري ٽيچر آهي.

سھڻي پاڪيٽ سلسلي جا ٻه نوان ڪتاب

سنڌيءَ جي ٻن وڏن ڪهاڻيڪارن

جمال آبڙو ۽ غلام رباني

جون چونڊ ڪهاڻيون

بدمعاش

۽ ٩ ٻيون ڪهاڻيون

صفحا هڪ سؤ

ٻه - رنگو سهڻو ٽائيٽل

قيمت: هڪ رپيو

پيار جي پري

۽ ٽي ٻيون ڪهاڻيون

صفحا هڪ سؤ چار

ٻه - رنگو وڻندڙ ٽائيٽل

قيمت: هڪ رپيو

سھڻي پاڪيٽ سلسلي جا ٻه ايندڙ ڪتاب

'منهنجو ساگر، منهنجو ساحل'

جي مشهور ليکڪ

الطاف شيخ

جا اڻ - ڇپيل سفرناما

سمونڊ جن ساڏيهه

صفحا هڪ سؤ ڪان مٿي

ٻه - رنگو ٽائيٽل

قيمت: هڪ رپيو

سنڌيءَ جي مشهور

ڪهاڻيڪار

نسيم احمد کرل

جي چونڊ ڪهاڻين

جو مجموعو

ڪافر

صفحا سؤ، ٻه - رنگو ٽائيٽل

قيمت: هڪ رپيو